# مهراڻ

2/1978



Gul Hayat Institute

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد 27] [نمبر 2

اپريل، مئي ۽ جون

**1978ع**

•

ايڊيٽر: امداد حسيني

مئنيجنگ ايڊيٽر: ظفرحسن

اسسٽنٽ ايڊيٽر: ناشاد



Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

# مـــهـــراڻ

## ســنڌي ادبــي بــورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

فون نمبر 23888/6

مواد موڪلڻ جي ائڊريس

**ايڊيٽر ٽماهي ”مهراڻ“**

**سنڌي ادبي بورڊ**

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو سنڌ.

خريداريءَ لاءِ ائڊريس

مئنيجر

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال

پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

Gul Hayat Institute

**في پرچو 6-00 رپيا** **ساليانو چندو 20-00 رپيا**

---

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro, at the Sindhi Adabi Board's
Printing Press, Tilak Incline Hyderabad, Sind.

# سنڌاءِ


● سوچ - لوچ 5


[ ١ ]

## شاعري


1. مخدوم محمد زمان "طالب المولي" 1
2. سليم ڳاڙهوي 8
3. غلام 12
4. سوز هالائي 13
5. امداد چالديو 14
6. درمحمه پناڻ 14
7. بلبل ڪوروائي 14
8. نور ڪهلو 15
9. مهيسر خادم رفيقي 15
10. شاد عباسي 15
11. مدا حيات جلباڻي 16
12 رسول ميمڻ 17
13. ڪنول لهاڻو 19
14. فيض پيرزادو 19
15. اياز عالم 19
16. رسول بخش قريشي 20
17. ناڪپال 20
18. حيات جتوئي 21
19. عبدالعزيز رلسڪريز 41
20. جوهر بروهي 21
21. سرڪش سنڌي 22
22. الطاف عباسي 23
23. بشير سيتائي 24
24. شرجيل 26
25. انور پيرزادو 28
26. تنوير عباسي 31
27. سحر امداد 33
28. امداد حسيني 35


[ 2 ]

## ڪهاڻيون


1. سينءَ هنيائون سڄءَ ۾ — علي بابا 41
2. هڪ ڏلل ماڻهو — شوڪت حسين شورو 47
3. من جو اڱڻ — شرجيل 56
4. فيميل وارڊ — فاروق سولنگي 63
5. خفتي — بادل جمالي 69
6. ۽ منهنجو ڪردار — بيدل مسرور 79

7. ڪنڊر - مدد علي سنڌي 94
8. ٻاچا - سانول 108
9. پُنر جنم - سحر امداد 114

### ناٽڪ

1. ٻنڌ ٽٽي ٻئي - ٻٽر سنڌي 121
2. امڙ ايلسا قاضي - انجم افشان هاليپوٽو 123

### خاڪو

1. شنگهور شيدي - شمس الدين عرساڻي 126

## [ 3 ]

## ترجمي جو ڀاڱو

1. پنجابي شاعري ● بابا فريد رح. - امداد حسيني 134
2. بلوچي شاعري ● رحم علي مري - نبي بخش ڪوسو 134
3. پشتو شاعري ● ارباب هدايت الله خان - نبي بخش ڪوسو 134
4. ڪرامت (مصري ڪهاڻي) - توفيق الحڪيم 135
5. ڪوڙو ڏيک (ڏکڻ آفريڪا جي ڪهاڻي) ● ايلن پيٽن - خيرمحمد لاڙڪ 141
6. لل ۽ گرانناز (بلوچي ڪهاڻي) - نبي بخش ڪوسو 146
7. هن چڻ جا چٽيل سدا ساوا هن ● امرتا پريتم - ولي رام ولڀ 149

## [ 4 ]

## مضمون

1. شعر جي اڀياس جا نوان طريقا (قسط 5) - الهداد ٻوهيو 177
2. رني ڪوٽ - غلام رباني 194
3. المنصوره برهمڻ آباد -1 - مير حاجي محمد بخش خان ٽالپور 198
4. ادب جون ٻه اهم تحريڪون: ڪلاسيڪيت ۽ رومانيت - ممتاز مهر 209
5. اولڙا اولڙا زندگي اولڙا (پورٽريٽ) - بيدل مسرور 212

## [ 5 ]

1. پڙهندڙن وٽان 233

[ٽائيٽل: خدابخش ابڙو]

Gul Hayat Institute


19-1-77

# شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ

## جي لاڙڪاڻي ۾ ڪيل تقرير تان ڪنيل

ـــــ دنيا ۾ هميشه ٻن قسمن جا ماڻهو رهيا آهن. هڪڙو قسم انهن ماڻهن جو، جن هميشه ائين سمجهيو تہ اسان ڪمزور آهيون، بيوس آهيون. اسان کي هر وڏي ۽ ننڍي ڪان ڊڄڻ گهرجي ـــــ زميندار جاگيردار ڪان ڊڄڻ، پير سيد ڪان ڊڄڻ ـ اهي ماڻهو سدائين ڊڄندا رهيا ۽ سموري زندگي ڊڄندا رهيا ۽ ڊڄندي ڊڄندي قبرن ۾ دفن ٿي ويا. انهن پاڻ کي سمجهيو تہ اسين ڪجهہ بہ نہ آهيون ۽ انهن مان ڏيو ڪجهہ بہ نہ، پر ٻيو قسم ماڻهن جو سمجهڻ لڳو تہ اسان ڪمزور نہ آهيون، اسان آزاد آهيون، اسان ڊڄڻ وارا نہ آهيون، اسان بهادر آهيون ـ اسان سڀڪجهہ ڪري سگهون ٿا ۽ هنن سچ پچ ڪري بہ ڏيکاريو. انهن سمجهيو اسان کي ڪوبہ ماري نٿو سگهي، اسان هميشه زنده آهيون ۽ انهي حالت ۾ هو بہ قبرن ۾ داخل ٿي ويا، پر دنيا انهن کي مئل نہ سڏيو ۽ اڄ بہ دنيا انهن کي زنده قومن جي قطار ۾ شمار ڪري ٿي.

(روزانہ ”الوحيد“، 7 فيبروري 1937ع)



Gul Hayat Institute

# مخدوم محمد زمان طالب المولي

## صدف ـــ سمنڊ

### (ڪافيون)

مون ۾ آهين تون، تون ئي تون،
تو ۾ آئون آهيان.

وار ٻه ويچو ناهه ڪو، وچ ۾ "تون" ۽ "مون"،
تو ۾ آئون آهيان.

اهي حقيقت هيڪڙي، ڏيهه ٻلي ڇڏي ڏون،
تو ۾ آئون آهيان.

هردم هڪ ئي آهيون، سوجهي سمجهيوسون،
تو ۾ آئون آهيان.

دوئي آهي ڪانه ڪا، هونگ رهي هڪ هون،
تو ۾ آئون آهيان.

آئون به يڪتا آهيان، تون به آهين بيچون،
تو ۾ آئون آهيان.

پاڻ ئي پنهنجي راز کي، صحيح ٿا سمجهون،
تو ۾ آئون آهيان.

شاهد پنهنجي پيار جا، آپ، عرش ۽ پون،
تو ۾ آئون آهيان.

'طالب مولا' جا ٿيا، گفتا گوناگون،
تو ۾ آئون آهيان.

Gul Hayat Institute




"پيلو" - تكڤو اسكيچ [كتريءجي اسكيچ بُك مان]

Gul Hayat Institute



دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو "رني ڪوٽ"
(ڏسو ص 194)

Gul Hayat Institute

اهي دلبر جون دهليز ٿيون،
اهي شوق ۾ شور انگيز ٿيون،
اهي صاحب پر پرهيز ٿيون،
اهي آهن شاهه شاهه اکيون.

منهنجي عشق سندي آزارن جون،
منهنجي طلبن جي تڪرارن جون،
منهنجي الفت چاهه پيارن جون،
والله ته ٿيئي گواهه اکيون.

مجموعو نينهن نصابن جو،
سي لب لباب ڪتابن جو،
تفسير برهه جي بابن جو،
والله ته بسم الله اکيون.

اهي آب حيات پيارن ٿيون،
اهي هر هر ياد ڏيارن ٿيون،
اهي نور پريون جو نهارن ٿيون،
اي 'طالب' الاالله اکيون.

● ڪنهن سانولڙي جو خواب آهيان،
ڪن جذباتن جو جواب آهيان.

آئون ڪنهن جون طلبون تمنائون،
ڪنهن روح جي رمز ۽ راز آئون،
آئون ڪنهن جي دل جون تقاضائون،
ڪنهن حُب جو هڪڙو حجاب آهيان.

ڪنهنجي آهيان اميد ۽ آس به مان،
ڪنهنجي عشق جي اڄ اُداس به مان،
ڪنهنجي پيار جي آهيان پياس به مان،
ڪنهن شوق جو آئون شراب آهيان.

ڪنهنجي اندر جا ارمانَ به مان،
ڪنهنجي دردن جا درمان به مان،
ڪنهنجي سک وارا سامان به مان،
ڪنهنجي برهه جو آئون باب آهيان.

ڪنهنجي لرمل لوري نگاهن ۾،
ڪنهنجي آهُن ۾ ڪنهنجي دانهن ۾،
ڪنهنجي ڪاري رات جي راهن ۾،
ڪنهنجي دنيا ۾ ڪمياب آهيان.

ڪنهنجي ذهن جي سوچ ويچار ٿيس،
ڪنهنجي دلبر جو دلدار ٿيس،
ڪنهنجي دل ۾ خودمختار ٿيس،
ڪنهنجي محبت جو مضراب آهيان.

پنهنجي پاڻ ڪي پاڻهي پاڻ لکان،
پنهنجي پاڻ ڪي پاڻهي پاڻ ٻُڌان،
پنهنجي پاڻ ڪي پاڻهي پاڻ پڙهان،
پنهنجو لاطق پاڻ ڪتاب آهيان.

جنهنکي ڪنهن سوچيو ۽ نه ڪنهن سمجهيو،
جنهنکي ڪنهن نه لکيو ۽ ڪنهن نه پڙهيو،
جنهنکي ڪنهن نه ڏٺو ۽ ڪنهن نه ٻڌو،
تنهن نوري رخ جو نقاب آهيان.

ڪنهن جو 'طالب' اڄ مطلوب ٿيس،
ڪنهنجي محبت سان منسوب ٿيس،
چاٿي مولا مان مرغوب ٿيس،
ڪنهنجي چاهه جو لب لباب آهيان.



Gul Hayat Institute

# سليم ڳاڙهوي

## دل

بخت دل ۽ ڀاڳ دل، مهر وارو ماڳ دل،
دل نہ ڪو ويران جهنگ، دل جو سهڻو ساٿ سنگ،
پيار جو دل ۾ پساءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل عقيدت جو مڪان، دل صداقت جو جهان،
دل ديانت جو شجر، دل سخاوت جو ثمر،
دل جواهر جو جڙاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل جي روحن سان رهاڻ، دل ڪرم ۽ قرب ڪاڻ،
دل دعا جو ساز آهه، دل دوا جو راز آهه،
دل سخا، سچ ۽ سياءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل تہ ڪوئي سنگ ناهه، دل دغا جو ڍنگ ناهه،
دل حيا جو در، نگر، دل وفا جو گهاٽ گهر،
دل بشر جو پيڊ پاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل سچائيءَ جي قريب، دل صفائيءَ جي قريب،
دل ڪسائيءَ کان پري، دل ڪچائيءَ کان پري،
دل سٺائيءَ جو ستاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

Gul Hayat Institute

دل ذڪا ۽ دل خبر، دل صدا ۽ دل اثر،
دل ڪلي ۽ دل چمن، دل ضيا جي انجمن،
دل ڪثافت کي ڪٽاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل شريعت جي دري، دل طريقت جي دري،
معرفت جي دل امين، دل حقيقت جي زمين،
دل سعادت جو سماءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

عمر پل گذري وڃي، پر نہ سچ وسري وڃي،
ڪار انساني ڪجي، ڇو نہ قرباني ڪجي،
شوق، شوڪت جو ڇُهاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

زندگي، زندھ ضمير، سهر سان من ڪر منير،
نور جي انعام لاءِ، پرھ جي پيغام لاءِ،
سڪ سهائيءَ جو سڻاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

ذوق تي ويندو 'سليم'، نينهن تي ويندو نديم،
آب سان گڏ گل ڪجي، ديھ سان گڏ دل ڪجي،
ڇا ڪندي واري ۽ واءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

## غلام

### ڪافي

هلڻو اٿئي هُن پار
پيڙياتا، ڪر ڪا ترت تياري.
اوکي منزل پند اڻائو
اڃا لڳئي پيو واءُ سڻائو
ويڻو ونجهہ سنڀار،
هوش رکي ڪر تون هوشياري!

لهرون لُڙُ ڪُنَن جا ڪَڙڪا
درياءَ ڏئي ٿو دل کي ڌڙڪا
ڪِينَ هڻيون تون هار،
ڇوڙ تون مڪڙي ڪر لهواري!

سيرَ ۾ ڪَشتي ڏُور ڪنارو
آهي 'غلام' کي تنهنجو سهارو
تار منجهان اڇي تار،
سهڻل سائين ڪر ڀونواري!

# سوز هالائي

## ڪافي

رات ستي سانگين جا ولڙ ۽ وارا ساريم،
پنوهارن جا پکڙا، پٽ ۽ پاڙا ساريم.
مال وندا ماروئڙا، ڦيرا ڏيو ڦر چارن،
ڏينهن تتي ڏوٿيڙا، انگن آکاهڙا ساريم.
ويس وسڻ جا اوڍي، آڪر آئيا آپ تي،
رڃ ۾ ريهون ڪندا، تڙ تڙ تاڙا ساريم.
مينهن موجون لائيون، ٿر ٻر ٿيون ٿڌڪارون،
پٽون، پنل جي پر تي، مينهن وساڙا ساريم.
لال ليار لامن تان، چونديم چوٽ چڙهي،
پيرون پڪا، ڏٿ ڏونرا، گگر گولاڙا ساريم.
منهنجي ليءِ مارن ها، پاند پٽائي چڏئا،
سرتين جا سائيهه ۾، روج ۽ راڙا ساريم.
’سوز‘ ۾ تن جي ڪاڻ سڙان، رت رويو روز رڙان،
سرتين سان سک جون راتيون، ڏک جا ڏيهاڙا ساريم.

## وائي

اُس اندر ۾ آڪنڊ آلا، سيلي مارن سان، ڪِلي ڪير پيئان!
آپري، اُلٽا ڪيترا، چنڊن پويان چنڊ آلا.
آتي آڏيءَ ويل جو، جيڏيون جوتن جنڊ آلا.
ساريان ويني سومرا، ويڙهيچن جا ونڊ آلا.
آخر لهندا اوچتا، مونجهارا ۽ مُنڊ آلا.
ثابت جيڪي سيل تي، تن تي ڏوهه نه ڏنڊ آلا.



Gul Hayat Institute

# سداحيات جلباڻي

## جندڙي

جندڙي تات پرينءَ جي،
جندڙي لات پرينءَ جي،
جندڙي بات پرينءَ جي،
جندڙي ذات پرينءَ جي،
ءَ
جندڙي رات پرينءَ جي.

جندڙي
سُرهو سور پرينءَ جو،
پيارو ڀور پرينءَ جو،
جندڙي نور پرينءَ جو.

جندڙي گهُورَ پرينءَ جي،
جندڙي ليڙ پرينءَ جا،
ويڙ پرين جا.

جندڙي رُت آ ساوڻ جي،
جندڙي خبر پرينءَ جي آئوڻ جي.
جندڙي ڪِجهڙي بات پرينءَ سان،
جندڙي پهرين رات پرينءَ سان.

جندڙي، موڪيءَ ٻني،
جڻ ڪا مڏ جي مٽي.
جندڙي وِهڻ ڀريل وٽي،
ٽُو ڪٽي، ٽُو ڪٽي.

جندڙي آجرو آجرو هنج،
جندڙي ڪارو ڪارو ڪانءُ؛
جندڙي ڀريل ڀريل ڏکو گهڙو،
جندڙي ٽلهو ٽلهو ٽانءُ.

جندڙي سرءُ، ساوڻ، چيٽ؛
رکو رڻ پٽ؛
سرنهن جو کيٽ.

جندڙي پريت،
ڪُريت؛
جندڙي پيار،
ڏڪار.

جندڙي ڏاڍي ڏهڪاءُ؛
ڪيس، کهڪاءُ.

جندڙي ڪو اولڙاهو دور،
جندڙي جيئن سج ڪيڏي ڪنّي؛
جيئن ور سان هجي ڪا وَني.

جندڙي چانڊوڪي رات،
جندڙي اولڙاهو ڏينهن؛
جندڙي پريت پرائي،
نئون نئون نينهن.

جندڙي ڏُکڙ سُکڙ،
انّ- دائو؛
جندڙي ٻيجل جو چنگ،
سُر مومل رائو؛
جندڙي نندي نينگيءَ جو انگل،
منڙيءَ جو مائو؛
ءَ
چيچڙو، گهونڊ ليءَ گهائو.

Gul Hayat Institute

جنڊڙي ويھہ ويھہ ويس وڳا،
جنڊڙي جڻ ڪا انگ اگهاڙي؛
جنڊڙي ڀاڳ جو ڀاڪر،
جنڊڙي آيي ڪهاڙي.

جنڊڙي پنهنجي جو پيار،
ڏاڙهي جو ڏڪ؛
ڦٽ تي سرهڻ،
ڇيتي ڪتي جو ڇڪ.

جنڊڙي سهٽي،
ساهڙ سيرَ،
ايڏي نفرت جوڳي،
جيڏا نوڪي ٻيرَ.

جنڊڙي ميندڙيءَ رتو هٿ،
ٻيهر جو ڇوڏو؛
واريءَ جو پنڌ،
هنڌوري جو لوڏو؛
دلبر جي دوري،
۽ ٻرينءَ سان گڏ ڪوڏو.

جنڊڙي پيٽ ڏٽيءَ جو بيت،
دوهو ۽ درديلو گيت؛
جنڊڙي سنهنجو منڙو ميت.

جنڊڙي ظالم جو زور،
مظلوم جي ڪيڪَ؛
صراط ـ مستقيم،
ڏِنگي ليڪ.

# رسول ميمڻ

## پنهنجي رت جو رڱ ـ ١

### آکيرا ـ

گهرڙي* جي جنم ڪان پوءِ
هو تپندڙ صحرائن
۽ اچي برف جي ڪفن ۾ ويڙهيل
وادين جي حالتن موافق
ورهائبو ويو
پيغمبرن جي ڳوڙهن جيان
ڌرتيءَ تي
پر منهنجي قوم ڪي
وجود جي برقرار رکڻ جي جدوجهد ۽
آڪاش ۾ پرواز ڪرڻ جي خواهش ڪري
نڪري آيا سونهري پر
هو ڪندا آهن پرواز
پنهنجي دلين جهڙي شفاف
لڳندڙ هير ۾
لڏندڙ ڪيتن مان
پنهنجي چنهنبن ۾ کڻي
سونا روپا داڻا
موٽندا آهن شام جو
صدين ڪان
ڌرتيءَ جي دامن ۾ ٺهيل
ڪکائن آکيرن ڏانهن

* Cell

## چنڊ

●

اُپ جي اداس وستين مان
ساڳيو روز چنڊ تڪي
هن جي ڦٽيل هيڊاڻ ڏسي
مولڪي پئي ٽي مونجهہ ٿئي
آخر ڪيسين؟
چنڊ پراڻو
ماضيءَ جي ائين ڏوڙ ڪٺي
ڌرتيءَ جي فضا ۾ ملي
منهنجو ساهہ گهٽيندو رهندو
ايپري اپ ۾ روز ائين
آخر ڪيسين ايندو رهندو؟

۽ منهنجو من
ڪامپي پڇري
سوچپي لوچپي:
هڪ ڏينهن آپ ڏي لانگ ورائي
پرزا پاڻ ڪري
پهاڙ ساڻ متو ٽڪرائي
چنڊ تي پهچي ڇهڪ ڏجن
تارن جيترا تير هٽي
پنهنجي رت جو رگ ڏجي
۽ هي هيڊو چنڊ
لال گلال ڪجي!

## ڳولا

او پرين
جڏهن ڪان تون وڇڙيو آهين
منهنجي رڙ
ڦٽي نڪتي آهي
ايرنڊڙ سج جي
پهرين ڪرڻن جان
تنهنجي ڳولا ۾
مون ڪڙڪايا آهن
سوين دروازا
۽ کوليا آهن
هزارين کهاٽ ۽ کهٽيون
راهہ ۾ ستل انسانن کي جاڳائي
پڇيو آهي تنهنجو
رستي ۾ آيل
قبرن کي کوٽي
ڳولي جيترا ڪيا آهن مڙهہ
غريبن جا
مظلومن ۽ پيڙيل انسانن جا
جيترو ڪري
سڀ ڪان پڇيو آهي تنهنجو
۽ تنهنجي ٿي پڇڻ لئي
مون جهنجهوڙيا آهن ڪلها
مزدورن جا
هارين جا
۽ اڃا تو کي
ائين ڳوليندو هليو ويندس
دنيا جي هيءَ ڪنڊ تائين!

# رسول بخش قريشي

## محبت

چاڻي پجهي، سڻي سمجهي
ڏسي وائسي
چين ڪي نہ چورڻ
ڪونڪو پڄي وڃڻ
ڪهرجن ۽ خواهشن
جذبن ۽ احساسن
خيالن ۽ اصولن ڪان منهن موڙڻ
بي حس ٿي وڃڻ
اهو آهي دنيا جو
سڀ ڪان وڏو
سڀ ڪان سهڻو
سڀ ڪان پيارو، نيارو: فريب
يعني: محبت!

## نيڙو

اعتبار ڪچ،
تاريخ جو ورجاءُ-
ڪڏهن پاتو ڪنچ.

[redacted]

روح جي رڙ
اندر جا اڏما
اکرن ڪان اکرجي نٿا سگهن
ڪا ڪوتا
تنهنجي جدائيءَ جو ڏنگ ڏهڪاري نٿي سگهي
هي وڇوڙو، پيڙا جون پڇيون
ڪلپنائن جو ڪوس، آشائن جو انت،
دنيا جون ٻوليون، آهن اٿوريون
لفظ ٽٽل
قلم پڪل

Gul Hayat Institute

## اياز عالم

### سنيھا ۽ سوڪڙيون

تون ۽ مان
ھڪ ٻئي کان ڏور
ڏورانھين سامونڊي
ڪنارن جيان
ھر سمونڊ جون ڇوليون
ھڪ ٻئي ھٿيان
جڻ سنيھا رسائي رھيون آھن
۽ ڇڏي موٽن ٿيون
سنيھن سان
ڪي سوڪڙيون
ڪوڏ ۽ سپيون

### يادوُن

اهڙن ڇڙوڇڙ
جڻ تہ مالھا جا مڻيا
ڇيڄي وکري ويل!

## فيض پيرزادو

•

جھوني ٻڙ هيٺان
جھور جھريل ھڪ ٻوڙھو
ڇھري جا کھنج کڻي ويٺو
ٻک ڏک ۽ ڏاڍ ڏمر جو ڏتڙيل
ماڻھن کان ڏور۔ اڪيلي سر
وڻ سان ويٺو سور سلي



Gul Hayat Institute

## حيات جتوئي

•

هي چڙيون ڪجين جون يا تاوارون
هي سرَ هوا ۾
ڪنهن جي ٻنّيي آڪهاڙيءَ تي ٻـ هتڙيون لنيون
ڪنوڻ ڪنوي ٿي
يا ڪو ڇهڪ ٿو ڇمڪي
ٻُڌو ته آپ ۾ چا چا ڪوڪت
تارو تارو لڙڪ جيان ٿو ٽمڪي.

## عبدالعزيز رنگريز

•

ويل وڇيڻ جي، لهندڙ سج،
رستي تي
نيلي پيو هنجن جو جوڙو
اڇا جهڙا ڪير
پريان هڪڙي تيز ترڪ
اِن جوڙي تان چڙهي وئي
چٽي وئي
۽ پنيان ڇڏي وئي
رت جا ليڪا
پرَ هوا ۾ هيڏي هوڏي آڏامندا!!

## جوهر ٻروهي

### فنڪار

آيرندڙ سج ساڻ
الزامن سندي
ڦاهي مٿي
چاڙهيو ويو!

### شاعر

جنهن جي
قلم جي نوڪ مان
آيرن ٿا ڪرڻا نُورَ جا
ٻات ڏرتيءَ جي مٿان
جو سير ماٿي عرش جو
ٻـرُ
صبح جو
هُسن جو وجود
دار جي زينت هجي!



Gul Hayat Institute

## بشير سيتائي

# سارا ڪاڳر ڪارا ٽيل

### انعام جي موت تي*

چڱو ٿيو،
پَٽڙا ـــــ!!!
مري وئين.
ڳوڙها ڳاڙي جيئي پوندس.
وقت اهو ئي زخم ڀري ڇڏيندو.
تولاءِ،
هي ضروري نہ هيو،
تہ تون بہ مون وانگي؛
هن دنيا ۾ ــ
ڏنجهہ ڏکن جو ٽيڪو ڪٽين.

### ماءُ

جيوَن جهڙي مايا ڏيئي،
ڪنچن جهڙي ڪايا ڏيئي؛
ڪنهن کي ماءُ ڀيٽيندي ناهي،
ها! ها! ماءُ ڀيٽيندي آهي.
جڏهين ڪوئي الڏو ٽئي ٿو؛
هُن جي ڪک ۾ ڪان هٽي ٿو!

---

### دوها

جڏهن بہ ڪوئي وَرلاهي ٿو، پٽ ڏٽيءَ جي وائي،
تڏهن وڃي ٿو ويهي مون کي، چڻ ڪو جائي پائي.

جڏهن بہ ڪوئي آلغوزي تي، ڇيڙي ٿو هڪ لهرو،
آس پکيئڙو ڀچرو ٽوڙي، آڏري پوي آپهرو.

جڏهن بہ ڪوئي راڳي آلاهي ٿو روڳي راڳ،
ان دم چڻ تہ پَري ٿو منهنجي، انگ انگ ۾ آڳ.

---

* بشير سيتائيءَ جو پهريون پٽ

# غزل

چهرو چهرو ٻاب ڪُليل، ڇا ڇا پڙهندين ڙي پاڳل!
جيون موڙ تي جاچين تون، هي سڀ دليون دونهاٽيل!
بادل وانگر ڀٽڪين ڪوهه؟ ڏاهو ٿي، گهر موٽي هل!
ٻاڪاري هين ٻار سُتا، زال ڳُوماٽيل، ڪٽ ڇڳل.
اڄ ٻه ڪلهوڪا ڪوڙ ڪتاب، سارا بستر تي پکڙيل.
جاڳي آهي ننڊ منجهان، ذهن جي سيج تي سوچ سٽل.
پون، پنا ۽ مسڪڙي، سارا ڪاڳر ڪارا ٿيل.
شاعر وٺو جاڳين تون، سارو هي منسار سُتل!

# نظم

اڄ گهمڻ جي لاءِ هلبو ڪين دوست!
رهڻ ڏي مون کي، ڇڏي ڏي، ضد نه ڪر؛
بند ڪمري ۾ آ يادن جو هجوم؛
اڄ اڪيلائي اچي ٿي راس، يار؛
مون کي منهنجي ذات جو آ احتياج،
دوستيءَ جو گهُر نه مون کان اڄ وياج!
ٽهڪڙا، محفل، کهاڻيون، رس ر هاڻ،
مان به جيوَن ۾ پريان جيڪر سڃاڻ؛
پر اندر جي پيڙ کي مان ڇا ڪريان،
ڇا ڪريان دل کي، جا هڪ دردن جي کاڻ؛
منهنجا ساٿي! اڄ مون کي غم کان نه روڪ،
مان رُڌل آهيان، مون کي ڪم کان نه روڪ.
داخلي دنيا به منهنجي آ وسيع،
محو آهيان اڄ پنهنجي ذات ۾؛
اڄ سلهاڙي سُور، لکندس گيت ڪجهه،
پاهه پلٽائي ڇڏيندس ذات ۾؛
اڄ وري ڇيڙي شڪسته ساز کي،
تو ڪڍڻ چاهيان گهُٽيل آواز کي.

## شرجيل

### مٽيءَ جو اثر

تون مون کي ڇا سمجهي
ايڏي هوڏ
ايڏي ناز سان
منهنجي پرسان گذري ويندي آهين
ٻُڌ،
مان سخت موسمن جي تخليق
۽ اولاد آهيان
جُون جولاءِ جون آسون ۽ جهولا
ڊسمبر ۽ جنوريءَ جون برفاني هوائون ۽ برساتيون
منهنجون سائرون آهن
مان انهن جي ڪُکين مان
ڇَپ ڇپات سان
جنم وٺندڙ انسان آهيان
تون فريبي پيار جو چار
مون لاءِ نه وڇاءِ
تنگ دليءَ جو درياهه
مون لاءِ نه وهاءِ
لنگهي ويندي ڪر
خاموشيءَ سان
اڻ واقفن وانگر
اهو ٺيڏي اک سان
مڪارپڻي وارو
ڏسڻ جو انداز ڇڏي ڏي
مان تمام سخت حالتن جو
ڳوهيل انسان آهيان
تون رجي ويندينءَ
مان قائم هوندس
تون ڇمي ويندينءَ
مان اڏامندو وتندس!

### عشق

ڏٺي وڃ، ڏٺي وڃ
ڪو ڏهاڳ
مان سهاڳ
ماڻ تو گهران!

### آرسي

تو وٽ ڪيترا ماڻهو ايندا آهن
هرڪو پنهنجا پنهنجا سُر آلاپي
آئي ڪڙو ٽيندو آهي
تون ماٺ ماٺ ۾
سڀ سُر ٻڌي
داد ڏيندو آهين
پوءِ جڏهن اڪيلو رهجي ويندو آهين
پنهنجو پاڻ سان پڙڪندو آهين
اهو جو پاڳل پڻو ٿئي تو
اهو جو سور اندر جو وَڏَ وجهي تو
اهو جو ماتم تون ڪندو آهين
ڪنهن ٻئي کي ڇو نه ٻڌائين تو
حصي وار ڪنهن کي
ڇو نه بنائين تو
ڇو پنهنجو اندر جلائين تو؟

Gul Hayat Institute

## آڌمو

ڪمري جون چار ڀتيون
بي جان، بي ستيون، خاموش
رات جا ٻه
زيرو جو بلب ٻريل
هر شيءِ، نيري روشنيءَ ۾ ٻڏل
وِهم جو ڏيو
ٽائي فون
ڊِتول
سرف جو پاڪيٽ
ٿرمس
مگس
شيشي جا گلاس
ميڪسويل هائوس
ريڊڪائو ملڪ
ماڪي
ٽوِنگس بريڪ فاسٽ ٽِي
ڪنڊ
رنگ برنگي شرٽون
۽ ٽنگيل ڪوٽ
شيلف ۾ پيل ڪتاب
۽ ڪاسميٽڪس
ڀتين تي ٽنگيل تصويرون
در ۽ درين تي لڙڪيل پڙدا
سڀ خاموش
پٿرن وانگر
نيري روشنيءَ ۾
جڻ سون ڏانهن گهورين پيا
ڪا ساهه واري شيءِ ڪانهي
جو رڙهي
مون تائين پهچي
۽ اچي
منهنجي ڳلن تان
وهندڙ ڳوڙهن جي سيلاب کي روڪي!

## زخمي پوئنر

منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾
ڪو اڻ مقرر ڪيل
پنڌ نه ڪولهي
ڪجهه قدمن جي نه ڳالهه آهي
جيئن نه مان
آڏامڻ جهڙو نه رهيو آهيان
رڙهي نه سگهان ٿو
تنهنجي پار
تو اوپر جي ڪنُهرن
۽ بدشڪل هٿن سان
ڳِل جهڙو مُک لڪائي رکيو آ
مان، آڏامي نه سهي
رڙهي تو وٽ ايندس
جڏهن نه رتوچاڻ آهي منهنجو تن
جڏهن نه تو، هٿن سان مُنهن
۽ ڪنڊن سان، تن
لڪائي رکيو آ!

# انور پيرزادو

## چميل برف ـــ ڏهڪندڙ رت

## غزل

نفرتون هر طرف ٽيون ڪرڻ ڏند،
سڀ زبانون ٽڪيون ڇُريون ٿيون لڳن.

وات ڪاتن جيان وڍڻ ويٺا،
اکيون آلـرون ڪيون ٿيون رانپوڻن.

ساز، جن پيار جا ٿي گيت ڇيا،
جنگ جوڻن جون ويٺا رنيون ڪن.

تون چوين ٿي ته توسان پيار ڪريان،
ڇا ڪيان، سُورَ ڏاڍو ڏونداڙن.

پيار مون ڪان ته ٿي نه سگهندو، پر،
نفرتون پي ته مون ڪان ڪينَ ٿين!

تون چوين ٿي ته توسان پيار ڪريان،
پل ته ماٺهو سڙن ۽ نفرت ڪن.

•

ڪنهن جي اکڙين جو اولڙو پيو آ،
مَن جي هر گهاوَ ۾ لهي ويو آ.

دل جي دڪ دڪ جا ٻاتي ٻوڙ آهي،
هاڻ منهنجو هجي، ٻهي پيو آ.

رات ساري ته سنسڪ ۾ گذري،
صبح ٿيندي ٿي هو رَهي پيو آ.

سانجهه سُرهي ۽ تنهنجا گُل ڏنل،
هي سمو گيت جان ٿهي پيو آ.

چنڊ ڏاڍو ٽڪل ٿو ڏسجي اڄ،
رات مون ساڻ هت رهي پيو آ.

# Lovers' Day

14 فيبروري جو ڏينهن آ
منهنجي دل
پِنَڪَ پِتي بيٺي آ
ته مان 'لَوَرسِ ڊي' تي
بيچ لگزري هوٽل ۾ وڃي
ڊانس ڪريان۔
(پروفيسيءَ جي سرهاڻ ڪي
روح جي گهراين سان چڪي
ڪَتِرابن ڪُتِرين تي بيٺل
ڪنوارن جسمن جي
لئين نڪور شاعري پڙهان)
پر ڏيڍ رپئي واري
منهنجي ردي پين،
اصل ئي مڃي۔
(ان جو مون کان به
گهڻو مٿو ڦريل آهي)۔
ٽيٺي ٿي،
هل ته
پرف جميل ٽڪرين مٿان
چٽڪار ٽيل
ٽهڪندڙ رت مان
چيچ پوڙي سانُ ڪريون۔
آءٌ من جي
هن طبقاتي چڪتاڻ کان
پور ٿي
بيزري منهن سان
ريڊيو 'آن' ڪري
پيٺي ڪن لائوڊ اسپيڪر تي
رکي ٿو چڙيان۔
(جنهن کي پڙندي ئي
خودڪشيءَ جا خيال ٿا اٿن
ائين جيئن لائوڊ اسپيڪر مان
لهرون آواز جون)
ريڊئي جو آواز
ڪنن ۾ ڪوڪرا ڪري ٿو
آءٌ پنهنجي مس ٿمندڙ پين
۽ رت وهندڙ مَن
ميز جي هڪ ڊراير ۾ رکي
بَر منهن ڪري
هليو ٿو وڃان۔
(ڪنهن چوٽين آواز
جي تلاش ۾۔)

●

چو تي پنکين
جُهڙَ جي ککري
رات رهي وچ
اکڙين ۾

●

مريض هڪڙو
نرس کي چئي ٿو
سُئي هڻڻ کان اڳ ۾
ٿورو مُرڪي ڏس
.................
سور نه ٿيندو

●

ٻار انهيءَ لاءِ پيارو ناهي
جو سورن ساڻ
ڄڻيو ويو آهي
.................
ٻارن سان پيار
جسم سان پيار
جو ٽالو آهي

●

سَرُ لِسرڻ
ڇِٽ پچڻ
آتر لڳڻ
چنبڙ ڪيڙڻ
سيڪ لڳڻ
پتائي پڙهڻ
ٻاڪ ڦٽڻ
ماڪ پوڻ
پيچ پئيءَ
ساٽ ٿيڻ
مينڊي لڳڻ
لانئون لهڻ
ڪنوار ٿيڻ
ڪهوٽ ٿيڻ
شهيد ٿيڻ
هي سڀئي جڻ
سولهن اسم جون فعلي صورتون آهن

●

سُند ڦيرڻ سان
جيڪي اداس
ٿي ويندا آهن
شاعر هوندا آهن

●

سچو مهينو لوڙيو آهي
ڀڪهار جو ڏينهن
اچي ويو آهي
جڻ ٽيڙ ٽپ
چڙهي ويو آهي

●

ڪنهن پاڳل
چترڪار جو
ڪو ڦاٽل ڪئنواس آهي
هي منهنجو ڪوٽ ته ناهي

●

هاري ٽڪجي
چوُر ٿي
چئي ٿو
اڄ به ائين
مري ويندس
جيئن بابو مري
ويو هو

●

منهنجو ننڍڙو
ڳوٺڙو
آفريقا ۾ آهي
باقي ملڪ
يورپ لڳو پيو آهي

●

ڪوئي آهي
سڪل وڻن جي
ٽارين جاڻ
هٿ ڪنيون
اپ ڪي ٻاڏائي

Gul Hayat Institute

سحر امداد

## ڏوتل مک — شيتل اکيون

### وائي

چونئري تي جو چنڊ ڏٺوم،
سرتيون ساجن سنيهڙيوم،
تارا تارا لڙڪ رُنام.

ڏينهن ڏونگر، راتيون روهه، جانبه جهڙي جندڙي،
تو ريءَ جاڙ جيوم.
مَن-ٻَن ۾ ڌُڪندو ڌُڪ: ”سُکي آهيان سرتيون!“
ڪيڏو ڪُوڙ ڪيوم.
سهسين سانگ سڄڻ ڪري، مُرڪي ايندا مان گهري،
هينئڙي ڏڍ ڏنوم.
ڌُرت ڌُڌاڳ ڏونگرين، جيون جُت آ جيڏيون،
ڏانوڻ نه ڏايوم.
هيڏي شهر پنهور ۾، ”موتي مون نه وڻجيا،
ڪايو ڪمايوم.“
مُٺل مارو، ڪُٺل ڪيڪون، اکيون پڌم اکيا،
ڪنين ميڻ وڌوم.
تاسين پِرَ نه پُڇيو، جاسين ڪارين راتين،
ريئو رت نه رنوم.
ڌڳڻ سمورا نرڳ ڏي، مَرڳ سمان سپرين،
پڻ ساگر آڪريوم.

Gul Hayat Institute

### ڏيڙو

ليٽل اگڻ تي
چٽيل ٻَن
وسريل يادون ۽ مون مَن

ٻَن-چِٽ جو آواز ايئن
پُور پيرينءَ جو
ڏيري ٻَهر ڏري جيئن

## ناٽڪ

ها پر ڪڏهن ڪڏهن
جڏهن
مان تو وٽ نه هوندو آهيان
سي راتيون
تون سيج تي
لڙڪن جون مالهائون پائي
سمهندي آهين
تنهن ڪان پوءِ
پاڻ جڏهن به ملندا آهيون
(ڌرتي ۽ آڪاش مان ٿا)
سي راتيون به
پاڪر پائي
چرين وانگر چميون ڏيندي
روئي پوندي آهين
تنهن سمي
او روپ وَنتي
هڪڙوئي تو پُور پوير
(سُور ٿو سَرير)
گذريل ڪنهن به جنم م تون
ساوڻ جي موسم هوندين
۽ مان پاپيهو

## ڪنو

سَجل سَجنيي
ڌوتل سُڪ
شِيتل اڪيون
تنهنجي ڇهري ڪي
شويا ڏينديون آهن
تنهنڪري
پهرين ڏينهن ڪان
مـان
توڪي رونـاڙيندو اچان



Gul Hayat Institute

امداد حسيني

# پڳهه مٿان آ ڳُل ڏِڙيو

## وايون

واءُ لڳو واريءَ تان هيرا، ٻَرَ ڪري اڏريا.
ڏوَر هڻي ويا ڏيهي ڏيرا، ڪهنڪهر ڏينهن ڪُڌ ريا.
بندوق چِتي اڏريا ڳيرا، حد لاحد آڪريا.
آپ هو ٻڪ ٻڪ چيرا چيرا، تارن-ڦَٽ آجريا.
لُڏي رهيا لامن آکيرا، سچ الٽا آپريا.

•

مان ٻي ڏوهي، مان ٻي ڏوهي، منهنجو ڏوهه نه ڪوئي،
منهنجو ڏوهه اِهوئي.
سَچ سُهائيءَ آوچائيءَ تان، سچ ڏيان ٿو چوئي؛
منهنجو ڏوهه اِهوئي.
مات نه مُور ميان او لوڪو، موت مڱان مُرڪوئي،
منهنجو ڏوهه اِهوئي.
چانڊوڪيءَ جي لڙڪن سان مان، داغ ڏيان ٿو ڌوئي،
منهنجو ڏوهه اِهوئي.
چئي ڏيان ٿو: ”اندر ڪارا، ڪاريءَ ٻيرو ٻوئي،“
منهنجو ڏوهه اِهوئي.
ٻيلي رُت ۾ هنڌ ڳتي تي، رت ٻوان ٿو روئي،
(ليڙ لٽن تي، هنڌ ڳٽن تي، رت ٻوان ٿو روئي)
منهنجو ڏوهه اِهوئي.
جهنڊي وانگر جيءَ جڙي وئي، لوبارين جي لوئي،
منهنجو ڏوهه اِهوئي.



Gul Hayat Institute

## وقت

وقت ۾ آهي ميتَ جيان،
روڪڻ چاهيان ـ
روڪي ڪونہ سگهان،
چاگرين پيرين وانگيان ـ
رُڙندو آگرين مان،
رت ڳاڙيندو وِٿين منجهان ـ
اڪڙين جي ڳڙڪين اڳيان
لنگهندو ويندو آهي ـ
ڪيڏي ڪنورتا سان ـ
پَروَس پيراڻَ جيان:
سُڙي ۾ ڪين ڏسي پنيان ـ
ٿوڪڻ چاهيان ـ
ٿوڪي ڪونہ سگهان،
روڪڻ چاهيان،
روڪي ڪونہ سگهان ـ
وقت ۾ آهي ميت جيان!

## لڙڪ ـ سنگهر

توکان ايترو ۾ ڪونہ پُڇو
هٿ رکي نراڙ مٿان
ڏسين تہ
پران پيو يا ٿران پيو
تو تہ اهو بہ نہ پڇيو
ڪيئن آهيان؟
۽ مان؟؟؟
لڙڪ ـ مرڪ جا گل ۽ ماڪ
توکي آڇڻ کان ۾ ويس
پر
لُڙڪ ـ سَنگهر ڪو ڏاوڻ ناهي
مرڪ ڳرهاٽي ناهي
لڙڪ ـ سنگهر ڪڏهن بہ ٽوڙي سگهجي ٿي
مرڪ اورانگهي سگهجي ٿي
جڏهن بہ ڪوئي چاهي!

Gul Hayat Institute

## اُداس نيڻن جي نازءِ

هيئُوجِ ڪارِ پنين سيت ته آداس ۽ نيڻ
بنا نهارَ جي مون ڏي تڪيا رهيا آهن
۽ آءٌ نيڪ ڏيو پول ڪي هميشا کان
جڳن ڪنان جنمن کان اِئين اٿيهي کان
نظر جي ڏور ٻڌيو تاڻجان پيو توڙي
(ڪڏهن ته تون بہ لهي آءٌ لهر لهر هلي
۽ منهنجو هٿ جهلي روڊ تان آڪارين پار!)

۽ منهنجي ذهن ۾ هڪ ٻار راند ٿو کيڏي
۽ منهنجي ياد ۾ ٽڏجي ٿبو چنڊ جو ڪينهو
۽ تنهنجي ڪُونج ڳچيءَ منجهہ سَتَ سَري ڌمري
۽ وقت؟ ڪات جو هر ريکَ ڪي ڪَپيِ ٿو ڇڏي
۽ موت؟ ماتِ جو جهَڙپي جهٽي جهَپي ٿو ڇڏي

۽ روڊ هَٿَ تيرءَ جي لڪير ڪانهي ڪا
جو آءٌ روڪي سگهان صرف مُٺ بند ڪري
جي آءٌ روڪي سگهان ٿو تہ صرف لڙڪن کي
آهو ۽ شرط اِنهيءَ سان: وڃڻ جي وقت سندءِ
هيئُوجِ ڪار پنيان ڏوڙ ڪانہ آڏاريندي!

## ڏيڙو

ڪتان چڙهئي هي رنگ؟
وارِ ليڻ، مِن -
ڪلر ميچنگ!

## پهر پهر زهر

آلهندو ڏينهن جڏهن ڏوهہ ڏنبَ سپ ٻاسي
آداس شام جڏهن دونهن دولهن ٽي ويندي
تہ ياسندوہ اڱڻ تي گهٽو اڪيلو ٻـڙ
۽ منهنجي ياد دريون در پيچي هلي ايندي:

آماس رات جڏهن ٻهر ٻهر ٽيندي زهر
آلـُوت ننڊ ۾ هوندو ستل آياڳو شهر
کهڙي کهڙي ٻہ ائين گذرندي ٻئي توتان
”سراپ، ويل ۽ بغداد، هاه، کهوڙا، تهر!“

تہ ياسندو ۽ تـہ در تي ڪڙو لـڳو آهي
۽ چوندين تہ اِها رول جي صدا هوندي
۽ لـُوهـَہ ٻائيندين، ٻر ٻري ٻري تائين
ڳهڻيءَ ۾ ڪوبہ نہ هوندو، رکي هوا هوندي!

Gul Hayat Institute

## ڏيڙو

تـون ۽ مـان
هڪ سَکهي جي
ٻين پاسن جان!

## هڪ ڇالو نظم

شعر لکڻ ليء کهڙو سُود؟
سيڻن جي ڀَتر جو
هڪڙو جهُريل جهُوپو ناهي
لفظن جي وڏيري هٽان
اَن کي ڏاهي
لکرائي باهي
ڳاهڻ ڳَتهي جيئن
تيئن هڏا هاريء جا ڳاهي
اَن جي لَج تان لوٺي لاهي
تشبيهن جا تَلهڙ هٺي
ڀُوريون کُنڊيون
ڀَکا ساوا
هَڙني ڪاهي
ڪوتا جوڙي سگهجي ٿي
ڀر ڇا ان سان —
ڪنهن ظالم جي
ڀاڙ آکوڙي سگهجي ٿي؟
پيرن ڀر جا پاتل آهي
سا سنگهر ٽوڙي سگهجي ٿي؟
جي ايئن آهي
جي ايئن ناهي
پنهنجو ڇاهي؟
هرو ڀرو ڇو ڇڙهجي
سوچ لوچ جي ڦاهي!

## ننڍو نظم

ڏَيڻَ مُهرِي ويا نيرڙَ ٽي
اکين منجهه ٽُوهر ڦُٽا
رُڳي رُج ٿي رُجَ ڪوري پني ٽي!

ساميائي ڏهڪاوَ پريل ليٽڻ سان اندر جا ڇيرا ڇيرا پنهنجي اندر ۾ اوتيندي، ٻجڪو هن جي پيرن ۾ پيل ڇڏيو. سندس نيٽڻ ۾ وڏي ٽڪٽڪاٽ سان نهاريندي، اچانگ اوچنگارن سان سٽ ڏئي موٽ ڏني ڪائي. ڪن لاءِ هو ڄڻ سراپجي پٿر پٿر ٿيو ويجي. اچانگ ڪو سالگ ساري هو ڀنيانهس لهاريندي واڪو ٿو ڪري:

”ترس، نه ٻوري ڳال نه مهاڙ، ايڏو ڦوڙائو، گيڙوءَ رتو آهيان. جي نيٽڻ سان گڏ ٻانهن ٻه وڌائي اٿي، ته ٻوءِ مون کي ٻه اروڙ جي ٻنڌ ڀڃڻ ٿي اچي.“

هو سنياسين جيان پنهنجيءَ وڏي اجرڪ جو پانڌو ڳچيءَ سان ٻڌي ٿو. وٽن ۾ لٽڪيل پنهنجي ڪپڙن ڏانهن نهاري ٻه نٿو. ٻس، رکو ٻجڪو ۽ پاٽيءَ جي ڪلي ۽ ٻسڪوت کٽي، پنيري سانت پريل ماٿار ۾ ٻيهي ويل سامڻ جي ڪلهي ۾ پاٽيءَ جي ڪلي ۽ ٻانهن ۾ ٻانهن اڙايو ساٿس جٽ ٿيو هلڻ لڳي ٿو.

... ... ...

ٻـ ٻاڇا وڃي رهيا آهن... جوڳين جي ٻنهين ۽ دودرن ڏانهن، ڇنا ڀيڻا، ٻه روشن ٻاڇا آنهريءَ جيان.

•

## لفظ

ڳولڳا، ٻوڙا ۽ الڏا هوندا آهن. آنهن کي چوڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي سگهه عطا ڪرڻ ليکڪ جو ڪم آهي ۽ انهين هو ’سرجڻهار‘ جي رتبي کي رسي ٿو ———

عورت بہ هن ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ٽريفڪ کي ڏسڻ لڳي. ٽريفڪ بند ٿي تہ هو روڊ ڪراس ڪري فوٽ پاٿ تي آيا. هلندي هلندي عورت وري بہ هڪ ڀيرو هن ڏانهن ڏٺو. هن کي تجربو ڪونہ هو، تنهن هوندي بہ هن اندازو لڳايو تہ هوءَ پرائيويٽ هئي ۽ گراهڪ جي تاڙ ۾ هئي. هن سوچيو تہ سائس ڳالهائي ۽ معلوم ڪري تہ هن جو اگهہ ڪيترو آهي. پر جيڪڏهن هوءَ پرائيويٽ نہ هجي ۽ جيڪڏهن سندس ڳالهائڻ کي خراب سمجهي تہ! هو ڊڄي تہ پڇي ويو. کيسي ۾ پگهار جا سمورا پئسا هئا. هو خرچ ڪرڻ جهڙو هو، پر هن کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ عورت سان ڳالهائي ڪيئن. ماڻهو تہ چڱين ڀلين عورتن کي ڦاسائي ويندا آهن ۽ هو هڪ پرائيويٽ عورت سان بہ نٿي ڳالهائي سگهيو. هن پاڻ کي همت ڏياري. عورت هن ڏانهن اڌين نظرن سان ڏٺو ۽ هن سمجهيو تہ عورت جي چپن تي هلڪي مرڪ هئي. هن سوچيو تہ آسي پاسي ۾ ڪو ماڻهو نہ هجي تہ پوءِ عورت سان ڳالهائي. عورت ڪنهن بہ پاسي مڙڻ کان سواءِ سڌي هلندي رهي. ريڪس سئنيما کان اڳتي نيٺ هن کي وجهہ مليو. هن دل جهلي وک وڌائي ۽ عورت جي ويجهو اچي ڳيت ڏئي ”هلو“ چيائين. عورت هن ڏانهن ڏٺو ۽ مرڪي پئي.

”هلو،“ عورت وراڻيو. هن جي دل ٺورو وڌي.

”دل ۾ نہ ڪريو تہ ڪٿي ويهي چانهہ پيئون،“ هن کي اهو جملو ڏاڍو عجيب لڳو. پر هن کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ پرائيويٽ عورت سان ڪيئن ڳالهائبو آهي.

”ڀلي،“ عورت چيو.

”وليج هوٽل ۾ ويهون؟“ چرچ جي فوٽ پاٿ تي اچي هن پڇيو.

”اوهان جي مرضي، جتي بہ هلي ويهو.“

ٿوري دير ۾ هلندا وليج هوٽل جي جهوپڙيءَ ۾ اچي ويٺا. ويٽر مينو کڻي آيو. مينو ڏسندي هن پڇيو، ”ڇا گهرائجي؟“

”جيڪي بہ گهرايو،“ عورت پنهنجائپ مان چيو. هن حيرت مان عورت کي ڏٺو ۽ کيس عجب لڳو، ڄڻ هوءَ سندس پراڻي واقف هئي ۽ هن سڀ سندس مرضيءَ تي ڇڏي ڏنو هو. هن ويٽر کي چڪن سئنڊوچز ۽ چانهہ آڻڻ لاءِ چيو.

”جي؟“ هن شروعات ڪرڻ چاهي.

”جي! اوهان ٻڌايو؟“ عورت جون اکيون مرڪڻ لڳيون. هوءَ هڪ سنئين سڌي عورت هئي جنهن ۾ ڪابہ غيرمعمولي ڳالهہ ڪانہ هئي. نہ گهڻو ميڪ اپ ڪيل ۽ نہ وري ڪپڙن لٽن ۾ فيشنيبل لڳندڙ. هوءَ بلڪل گهرو عورتن جهڙي هئي. پر ڪا مجبوري هئي جنهن هن کي ان ڌنڌي ۾ آندو هو. هن سوچيو.

”توکي گهر وڃڻ جي جلدي تہ ڪانهي؟“ هن پڇيو.

”نہ. اهڙي خاص جلدي تہ ڪانهي،“ عورت وراڻيو.

هن سوچيو ته ڪانس پڇي ته تنهنجو گهر ڪٿي آهي، پر هن اها ڳالهه مناسب نه سمجهي. اهڙي عورت پنهنجي گهر جو صحيح پتو نه ٻڌائيندي ۽ پڇڻ مان فائدو به ڪهڙو. ڪجهه نه ڪجهه ڳالهائڻو ته ضروري هو. مسئلو اهو هو ته ڳالهائجي ڇا؟ ۽ هن کي عورت ڪجهه منجهيل منجهيل پئي لڳي- اهو هن جو خيال هو!

”توکي ميڪاپ ڪرڻ نه وڻندو آهي ڇا؟

”ڇو؟ آئون ميڪ اپ کان سواءِ سٺي ڪانه ٿي لڳان ڇا؟“ عورت کلي چيو.

”سٺي ته لڳين ٿي،“ هن عورت جي اکين ۾ نهاريندي چيو.

” ها، تون بنا ميڪ اپ جي وڌيڪ سهڻي ٿي لڳين.“

هوءَ کلڻ لڳي. ”اهڙيون ڳالهيون نه ڪر جو آءٌ سچ پچ به پاڻ کي سمجهڻ لڳان.“

هو عورت کي ڏسندو رهيو. هن پنهنجي من کي ڪجهه ڳروڳرو محسوس ڪيو. هن چاهيو ته عورت جو منهن پنهنجن هٿن ۾ جهلي هن جي اکين ۾ ڏسندو رهي ۽ انهن ۾ پاڻ کي ڳولي.

”مون کي ائين ڇو ٿو ڏسين؟ آءٌ اهڙي سهڻي ته ناهيان...“

”آءٌ تنهنجي اکين ۾ ڪجهه ڳوليان پيو.“

عورت کي حيرت لڳي.

”مون تنهنجي ڳالهه نه سمجهي...“

”سمجهڻ جي ضرورت به ڪهڙي آهي پن- ٽن ڪلاڪن جي لاءِ هڪبئي کي سمجهي ڇا ڪنداسين!“ هو گنڀير ٿي ويو.

عجيب ماڻهو آهي. عورت سوچيو. پر هوءَ اها ڳالهه سمجهي نه سگهي ته ڪيئن ڇو هن لاءِ همدردي محسوس ٿي رهي هئي.

ويٽر سئنڊوچز کڻي آيو هو. ٻئي کائڻ لڳا. پوءِ نيپڪن سان هٿ اگهندي عورت چيو ”پاڻ کي ڪٿي هلڻو آهي؟“

”ڇا مطلب؟

”ڪا جاءِ آهي يا هوٽل ۾ ڪمرو وٺڻو پوندو؟“

هو مطلب سمجهي ويو. ”ان جي ڪا ضرورت ڪانهي. پاڻ کي نه ڪنهن جاءِ تي هلڻو آهي ۽ نه هوٽل جي ڪمري ۾.“

عورت هن کي حيرت مان ڏسڻ لڳي.

”پوءِ تون مون کي وٺي ڇو آيو آهين؟“

”آءٌ توکي ان لاءِ نه وٺي آيو آهيان،“ هن منهن ڦيرائي چيو. هن ڏٺو ته عورت جي منهن تي مايوسي اچي وئي.

هن کيسي مان پگهار وارا پئسا ڪڍي ٽيبل تي رکيا.

مٿان اچي ٻيهاريائين. هن منهن مٿي ڪري ڪيس ڏٺو. هاٿيءَ جيڏي گهوڙي تي، ديوَ جهڙو ڊاهو ٽنبيرو قداور شخص، سندس هٿ ۾ ريوالور.

لاهوتيءَ هڪ گهمرو وري مٿس ڇٽر ڪندي چيو:

”ٻنهي لاءِ ٻيٽ ۾ سور اٿئي تہ اها ڳالهہ ڪر، نہ تہ چارئي دروازا ڪليل اٿئي. جنهن ڪي وڻئي تنهن ڪي وڃي دانهن ڏي. ٻيو نہ تہ.“

”ٻنهي ڏيڻ واري جي جوءِ ڪي......... ٻنهي وٺڻ واري جي ٻہ رَن ڪي......!“

دلو ڳار ڏيئي، ٻہ وکون ٻوئتي هٽيو، ۽ خبر ناهي ڇا سوچي، بندوق سڌي ڪري ڏوڙيو ڪٽي ڪرايائين. ٻہ چار ٻولاٽيون کائي، ڪتو ڪري پيو. ماحول تي سوت جهڙي ماٺ ڇانئجي ويئي.

دلوءَ ٿڦيل هانءَ سان ٻچاڙڪو گهمرو مٿل ڪٽي ڏي ڏٺو ۽ ٽڏو ساهہ ڪٽي، بندوق ۾ نئون ڪارتوس ڀري، ڳورن قدمن سان ٻوئتي موٽيو.

لاهوتي ۽ سائين باشا، هراس ۽ اچرج وچان ڪيس ڏسندائي رهجي ويا.

•

———اسان جا نقاد ڳالهہ کي ڳالهوڙو ڪري پيش ڪرڻ جي اڻٿڪ محنت ۾ رُڌل آهن———



Gul Hayat Institute

”فلم تي وئي هيم.“
”مون سان گڏ نه هلينءَ.“
”منهنجي مرضي.“
”ڪنهن سان وئي هئينءَ؟“
”اڪيلي-!“
”اڪيلو وئي هئينءَ؟“
”ان ۾ حيران ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، تون جو پنهنجي اڪيلائيءَ ۾ ڪنهن کي شامل نٿو ڪرين ته مان ڇو ڪريان.“
تنهن ڏينهن:
هن محسوس ڪيو هو ته سوپيا ڪانئس پري پري ٿيڻ لڳي آهي. ڪانئس وڇڙڻ واري آهي، ڪيس ڇڏي وڃڻ واري آهي، سوپيا جي ان ڪوڙ تي هن ڏاڍو محسوس ڪيو هو.
ڪارڻ:
هن محسوس ٿي ڪيو ته سوپيا سانس ڪوڙ ٿي ڳالهايو، ڇو ته هن کي پڪ هئي، ته ڪابه ڇوڪري هن سماج ۾ اڪيلو فلم تي ڪڏهن به نه وينهدي آهي.
سوچي ٿو:
ڪوڙ هجي، سچ سمجهڻ جو تاثر ڏيڻ ۽ پنهنجي سوچن جي خلاف پڌڻ ڪيڏو نه ڏکيو لڳو هو ان ڏينهن مون کي.
ڪجهه ڏينهن اڳ:
هن جڏهن سوپيا کي فون ڪئي هئي، ته ڪيترائي ڀيرا هن جو فون انگيج هو. تڏهن وري نه ڪرڻ جو سوچي خيال بدلائي ڇڏيو هئائين. هونئن به سندس من ۾ پئي آيو، ته هو ڪيس فون نه ڪري ته بهتر.
ڪارڻ:
”گهڻا ڏينهن ٿيا آهن آئي ڪانه آهين؟“
”دل ڪانه ٿي چوي.“
”ڇو؟“
”بس، دل جي ڳالهه آهي.“
”پلا ڪڏهن ايندينءَ؟“
”جڏهن دل چيو.“
”مان توکي پنهنجي اڪيلاين ۾ شامل ڪرڻ ٿو چاهيان سوپيا!“
”پر هاڻي وقت گذري چڪو آهي.“
تنهن وقت:

# مدد علي سنڌي

## ڪنڊر

(۽ منهنجي هن جيون ڪي ڪوئي انت ناهي!!)
ڪائي معني ٻه آهي ڪنهن چيز ڪي؟
؟ ؟ ؟

اصل ۾ ڳالهه هيءَ آهي ته جڏهن ٻه ڪوئي پنهنجو چهرو آرسيءَ ۾ ڏسي ٿو، ته ڪجهه نه هئڻ جو احساس ٿئي ٿو!
ڪجهه نه هئڻ جو احساس؟
؟ ؟ ؟

نه هئڻ جو احساس ٻه ته ڪجهه هئڻ جو احساس آهي. ڇا غور سان هرڪوئي آرسيءَ ۾ پنهنجي چهري کي ڏسي ٻه سگهي ٿو؟
ڏسڻ سان پنهنجي پاڻ کي، محسوس الائي ڇا ٿيندو اهي؟
تون جلد چريو ٿي پوندين!!
... ... ...

(خاموشي.)
چو تون چُپ ٿي وئين؟
؟ ؟ ؟

مان فقط چوڻ اهو ٿو چاهيان، تون جلد مري ويندين!
آئون چوان ٿو، بڪواس بند ڪر تون!
چريائپ زندگيءَ جي حقيقت آهي، هڪ بڊيمان لاءِ!
؟ ؟ ؟

بڪواس زندگيءَ جي علامت آهي. موت زندگيءَ جي حقيقت آهي. ۽ خاموشي زندگيءَ جو الت آهي. هرشروعات کي پڇاڙي ٿيندي آهي. هرشروعات جو الت ٻه پڇاڙي آهي!
جيڪي شروعات ڪندا آهن، سي ختم نه ڪري سگهندا آهن. جيڪي ختم ڪري سگهندا آهن، سي شروع نه ڪري سگهندا آهن!!



Gul Hayat Institute

- مان مجبور آهيان... مان ڪجهه به نٿي ڪري سگهان. مون ۾ فيصلي ڪرڻ جي سگهه ڪانهي. مان ڪمزور آهيان. پر مان... توهان سان جيتري محبت ڪريان ٿي، ان جو توهان کي احساس ڪونهي شايد. مان توهان لاءِ سدائين روئندي رهندي آهيان!

- زندگيءَ ۾ ڪمزور ته هرڪوئي آهي. پر تو ۽ مون ۾ سگهه نه آهي، ان جدائيءَ ۽ انتظار جي ديوارن کي ٽوڙڻ جي. ڇا ڪوئي سگهه ساري سگهندو. ڪڏهن ۽ ڪٿي اڪيلو ايڪانت ۾ ويهي مون ڏٺو هو توکي. ۽ توئي ته پڇايو هو ته تنهنجو گهر درياهه جي ڪپ تي آهي. جڏهن چانڊوڪي رات ٿيندي آهي، تڏهن درياهه عجيب هوندو آهي. ۽ هاڻ تنهنجو اهو ساٿي الائي ڪير ٿيندو، جيڪو اهو منظر ڏسندو، جيڪي مان نه ڏسي سگهيس؟

- توهان جا هٿ ايترا ٿڌا ڇو آهن؟

- مان آهيان جيڪي ڪجهه اهو، نه آهيان. ۽ جيڪي نه آهي، هرجنم ۽ هر دؤر ۾ تنهنجا ۽ منهنجا هٿ گڏ هئا. پر تنهنجي هي جسم جو ڇهاءُ به ڪيڏو نه عجيب آهي. تنهنجا هي نازڪ ۽ سهڻا اڇا ڪير جهڙا هٿ منهنجي هٿ ۾ آهن. ۽ وقت جون بيرحم ديوارون ڪِري پونديون ته پوءِ...؟؟...

- ؟...؟...؟

- پر تون خاموش ڇو ٿي وئي آهين؟

- ...؟...؟...

- تون خاموش ڇو آهين آخر. پر تون ڪيڏانهن هلي وئينءَ؟

I love you

......

I need you

(خاموشي)

- ......؟...؟

I love you

- رخسانه...

- I need you هرڪوئي اچي، وري هليو ٿو وڃي؟

(؟...؟...؟)

مان منتظر هيس تنهنجي لاءِ. پر تون هليو ڪيڏانهن وئين؟ مان، مان هيس، ۽ تون، تون نه هئين. پر درياهه جا تيز ۽ بيرحم وهڪرا لنگهي ويا اسان جي مٿان. هٿ، هٿ مان ڇڏائجي ويو. ڪهندن ۽ گهڙيالن جو آواز، هرطرف ڪان اچي رهيو آهي. دور ڪٿان. ڪير جاڻي ته هي سڀڪجهه سپنو هجي! پر صديون گذري ويون آهن ۽ مان هلي هلي به ته ٿڪجي پيو آهيان. منهنجا پير ڦٽجي چڪا آهن. منهنجو وهندڙ خون پڪڙجي رهيو آهي. پر اهو سڀڪجهه

Gul Hayat Institute

سحر امداد

# پُنر جنم

اڄڪلهہ هو گهر وڃي ٿي لٿو. ڪهڙن ڪهڙن دوستن سان-- الائي ڪٿي پيو رُلي!

پنهنجي مُنهن ڳائيندو-- جهولڪاريندو-- آڌيءَ مانجهيءَ-- لشن ۾ آلوٽ ٿاڪ نہ ڪو ٿر ٿانءُ.

هن متعلق روز ڪا نہ ڪا خبر آهيئي آهي:

آڏ ڪناري ڏٺو پيو هو--
ڪپ ۾ پڌائو پيو هو--
واٽ تي ٻيهي ڳاريون پئي ڏنائين--
الائي ڪنهن ڪي-- نہ ڇڏيائين پيءُ نہ ماءُ--
پٽر ٽڪيندڙ مزور ڪي آمن ۽ جنگ تي پئي ليڪچر ڏنائين--
واريءَ ۾ پيٽوت--
توائيي--
الائي ڇا وِڦلندو--
ڪاڙهي تتي ۾ پنڌ--
الائي ڪيڏانهن پئي ويو--
فلاڻا تنگ ٿي پيا، تہ پين فلاڻن وٽ--
اهو سلسلو هلي پيو، ۽ الائي ڪيستائين هلندو!

”... تيستائين جيستائين اندر جي سڪهہ مُئي لاهي... Hey! come on lets enjoy the life. -- هايا هڪڙو وَزم ٿي وڃي!“

ماچيس جي تيليءَ تي چرس جو روڙو آنڪائي، تيلي ڏيکاريائين ۽ سڄي وايومنڊل ۾ چَرس جي ڇيتي بُوءِ ڦهلجي وئي. هڪ ڊگهو ساهه کڻي ان بُوءِ کي پنهنجي اندر اولهاين تائين ڇڪي ٿو وڃي:

”سچ دلبر، عورت جي ديهه جي بُوءِ به اهڙي ڇيتي ناهي.
پر— بارود جي بُوءِ
مون کي بارود جي بُوءِ کان نفرت آهي.“
مون کي نفرت آهي، هر ان فعل کان جيڪو مڙهيل آهي— هٺراڌو آهي— آ سياويڪ آهي.

سَياويڪ آ سياويڪ
سُندر آ سندر
اهو فيصلو ڪرڻ وارا اسين ڪير آهيون؟

لفظ بي معنا آهن!
پر پنهنجي مطلب لاءِ اسين هر لفظ کي سوين معنائون ڏيئي سگهون ٿا ۽ ڪيترن ئي معنائن کان ڦري سگهون ٿا. پنهنجو پاڻ کي Justify ڪرڻ لاءِ ڪنهن به جاکوڙ جي ضرورت ناهي. نظريه ضرورت تحت اسان کي سوين هزارين لفظ ملي ويندا.

لفظ سنگهر آهن
لفظ بندڻ آهن
پيچي چڙيو اهي سنگهر
ٽوڙي چڙيو اهي بندڻ
لفظن جي انهن گهيرن کي ٽوڙڻ ئي مُڪتي آهي.

گول دائرن ۾ گهلجندي مرڻ کان: لڪ سيڏ ۾ هلندي— ٽڙندي ڏاڍڙجندي ڀائيندي وڃائيندي— دور پهاڙن تي— جهنگلن ۾— سمولڊ جي ڪنارن تي— مرڻ وڌيڪ پيارو آهي: سُندر آهي: ڪيڏي سَرلتا آهي، اهڙي موت ۾ به.

"اوهان جيڪي وڏيوَ سو ڇٺو." گهر جي مالڪ چيو. "پر اي خدا جا ولي، اها ته هڪ ڪرامت هئي، جيڪا خدا تعاليٰ اوهان جي هٿان ڪرائي آهي. اوهان هن غريب جهوپڙيءَ مان ويل خوشين کي موٽايو آهي، جنهن ڪري اسان جي وڏي عزت ۽ مان ٿيو آهي. هاڻي مهرباني ڪري اسان غريبن کي حال سارو پنهنجي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏيو."

گهر جي مالڪ هڪدم هڪ خَلاصي لانڍيءَ ۾ پنهنجي مهمان جي رهڻ جو انتظام ڪرايو. ان ڪانپوءِ پادري جڏهن به واپس وڃڻ جي اجازت ٿي گهري ته گهر جي مالڪ پيرن فقيرن جا قسم سُنهن کڻي ٿي چيو، ته جيستائين ٽي ڏينهن پورا نه ٿيا آهن، تيستائين آءٌ پنهنجي مانائتي مهمان کي واپس وڃڻ جي اجازت هرگز نه ڏيندس. ڀلا اهو ٿي سگهي ٿو ته جنهن شخص منهنجي گهر واريءَ کي موت جي مُنهن مان بچايو آهي، تنهن کي گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي خدمت چاڪري ڪرڻ ڪانسواءِ ڇڏي ڏيان! پادري لاچار رهي پيو ۽ گهر جي مالڪ ٽن ڏينهن ۾ هن جي ڏاڍي خدمت چاڪري ڪئي. مهمانيءَ جو وقت پورو ٿيو ته مالڪ سواريءَ جو بندوبست ڪيو ۽ مهمان کي گهر ۾ پچايل نانَ، ڪڪڙيون ۽ ڪاڏي جون ڀيون شيون سوکڙي ڪري ڏنيون ۽ ديول جي نذراني لاءِ سؤ روپئي جو نوٽ هن جي هٿ تي رکيو، پوءِ گهر مان ٻاهر اچي، پادريءَ گڏهه تي لانگ مس ورائي نئي چڙهيو ته هڪڙو ماڻهو ڪنگهندو سهڪندو آيو ۽ پادريءَ جي پيرن تي ڪِري پيو.

"بابا، تنهنجي ڪرامت جون ڳالهيون سيني ڳوٺن ۾ پکڙجي ويون آهن. منهنجو چاچو سرڻينگهه حالت ۾ پيو آهي. آءٌ هن جي پنهنجي پيءَ کان به وڌيڪ عزت ڪريان ٿو. هن جي آخري خواهش آهي ته مرڻ کان اڳ اوهان هن کي دعا ڪريو. مهرباني ڪري هن جي اها خواهش پوري ڪريو."

"پر ٻچا، آءٌ ته هاڻي پنهنجي گهر ٿو وڃان." پادريءَ بي يقينيءَ وچان ورائيو.

"سائين، هن ڪم ۾ اوهان کي دير ڪهڙي لڳندي. آءٌ اوهان کي ايستائين ڪونه ڇڏيندس، جيستائين اوهين مون سان گڏجي منهنجي چاچي وٽ نه هليا آهيو." ائين چئي اهو شخص گڏهه جو لغام جهلي اڳتي وڌيو.

"پر تنهنجو چاچو رهي ڪٿي ٿو؟" پادريءَ پڇيو.

"سائين، سڏ پند تي گهر آهي، اجهو ٿا پهچون."

پادريءَ لاچار ڪٿي مات ڪئي. هڪ ڪلاڪ هلڻ کان پوءِ نيٺ ٻئي ڳوٺ ۾ اچي پهتا. اتي به ساڳي لانڍي نظر آئي، جنهن ۾ هڪڙو شخص مرڻينگهه حالت ۾ کٽ تي پيو هو ۽ هن جا مائٽ هن جي چوڌاري پڌر ۾ بيٺا هئا. پادري هن جي ويجهو ويو ۽ هٿ کڻي دعا پڙهي مس پوري ڪئي ته اتي به معجزو ٿي ويو. اهو شخص هڪدم اٿي ويٺو ۽ مانيءَ ۽ پاڻيءَ جو

ڀڄائي ويندا آهن. مون اهو ٻڌو آهي ته هڪ ٻيري هڪڙي لاريءَ ۾ مسافرن سان گڏ ٻه پوليس وارا ٻه هئا. ڌاڙن انهيءَ لاريءَ کي ٻيهاريو، جن ماڻهن کي ڌاڙن جهليو، انهن پوليس وارن کي مدد لاءِ سڏيو، پر پوليس وارا ڌاڙن کان اهڙو ته ڊنا، جو هنن ماڻهن کي چيائون ته ”وڃي پاڻ ۾ سمجهو، اسان کي ڇڏيو ته ڀڄون.“

اها ڳالهه ٻڌي ڳوناٽا کلڻ لڳا ۽ پادريءَ کي چيائون، ”تون ڪابه ڳڻتي نه ڪر. اسين توسان گڏ آهيون ۽ جيستائين تون پنهنجي ڳوٺ ۾ سلامتيءَ سان نه پهتو آهين، تيستائين اسين توکي گڏهه تان هيٺ لهڻ به نه ڏينداسون.“

”آءٌ سمجهان ٿو ته اوهين وڏا بهادر آهيو. ان ڪانسواءِ اوهان مون کي عزتون ۽ لذرانا ڏئي، مون تي وڏا احسان ڪيا آهن.“

”اها به ڪا چوڻ جي ڳالهه آهي! تون ته اسان کي پنهنجي ساهه کان به وڌيڪ پيارو آهين.“ ڳوناٽا پادريءَ جي پٺيان هلندا رهيا ۽ هن جي ڪرامت جون ڳالهيون ۽ واکاڻ ڪندا هليا. پادري به سندن ڳالهيون ٻڌندو رهيو ۽ جيڪي ٿي ويو هو، ان تي ويچار ڪرڻ لڳو. نيٺ پادريءَ چيو، ”سچ ٿا چئو: گذريل ڏينهن ۾ مون سان جيڪي ٿيو آهي، ان تي مون کي به حيرت ٿئي ٿي- پر ڇا اهو ممڪن آهي ته اهي ڪرامتون منهنجي دعائن جي ڪري ٿيون آهن.“

”توکي ان ۾ ڪو شڪ آهي ڇا؟

”آءٌ ڪو ولي ڪونه آهيان، جو انهن ٽن ڏينهن ۾ اهڙيون ڪرامتون ڪري ڏيکاريان؛ پر اهي اوهان ئي آهيو، جن مون کان اهڙيون ڪرامتون ڪرايون آهن.“

”اسان ڪرايون آهن؟“ هنن سڀني هڪ آواز ٿي چيو.

”تنهنجو مطلب ڇا آهي؟“

”آءٌ سچ چوان ٿو. اهي ڪرامتون اوهان ئي ڪرايون آهن.“

”اهو توکي ڪنهن ٻڌايو!“ ڳوناٽن هڪٻئي ڏانهن ڏسندي پڇيو.

”اهو اوهان جو ايمان آهي“، پادري پوري يقين سان چوندو رهيو. ”اوهان جي ايمان ۽ عقيدي جي ڪري ئي سڀڪجهه ٿيو. اوهان کي خبر ڪانهي ته هڪ پڪي يقين رکندڙ جو روح ڪيترو نه طاقتور ٿيندو آهي. عقيدو ۽ ايمان هڪ وڏي طاقت آهي، هڪ وڏي قوت آهي. ڪرامتون اوهان جي دلين جي گهراين ۾ اهڙيءَ طرح لڪل آهن، جيئن چشمي جو پاڻي پهاڙ ۾ لڪل هوندو آهي. ۽ رڳو عقيدي ۽ ايمان جي ڪري ئي ڪرامتون وجود ۾ اينديون آهن.“ پادري اهڙيءَ ريت ڳالهائيندو رهيو ۽ سندس پٺيان ڳوناٽا ڪنڌ لوڏيندا آيا. هو جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ جذباتي ٿيندو ويو ۽ ڪيس ڪابه سمڪ نه رهي، ته پويان ڳوناٽا هڪٻئي پٺيان آهستي آهستي ٽڙندا پئي ويا. جڏهن پادري پنهنجي ڳوٺ جي ويجهو پهتو ته خيالن جي دنيا مان موٽي آيو ۽ ڳوناٽن جا ٿورا مڃڻ لاءِ منهن جو پٺيان ورائي ڏسي ته هڪڙو به ڳوناٽو موجود ڪونه هو.

ٻوندن ڇيڙي پاڻ ۾ ڳالهه —
ڏس، ٻرائي ڳاڏيءَ جا ڦيٿا
ڪيئن ڦا ٿاهين لٿين پانت!

ورڪا ـ ڏارائون ڇون ٿيون سين ڪي وسار ـ
ڇڻن ورهين ڪان پوءِ هن ڌرتيءَ تي ڪڙندا واڙيءَ ۾ ڪَٽل.

ورڪا جون اهي ڏکيون تارون. ڪري ويون اونداهي رات
وسامي ويون آليون ڪانيون ـ ڏيئي اٿندر شعلا
ڇڏي ويون سياري جي بات.

کپ جي آلاڻ سان ٻاهه ويئي ٽڏي ٽي
ڇڻن ورهين ڪان پوءِ هن ڌرتيءَ تي ڪڙندا واڙيءَ جا ڳل.

سَڇيل ٽڏن، نيرن ڇپن مان اچي ٿو آواز ـــ
سرجيندڙ انهن هٿن جي رکيي آهي لڄ.
اندر آلاڻ پريل، ٻاهر سوڪهڙي جو تهه
ڄمي ويئي آهي هر شيءِ،
مانيءَ ڪي گهيريو آهي ٻوڏ،
جا اک ڇيري اوندهه جو پڙدو
جنهن جو سهي نه سگهي تاب
اها ملڪيت ڪيئن ڪنديَ ــ
اچي ڪي ڪارو؟
پٿرن جي مُڙي تي نوڪ ــ
وِڪ وِڪ تي جنهن رکيو آهي بارود!
تڪو، ڌرتيءَ کي ڇيريندو، ڪويل وانگي،
پوءِ گڏجي ڇپن تي آيريو،
توتاري جو گيت...
اي سج، ڌرتيءَ جو سرد اڱڻ ڪوسو ڪر
ٻنين جي منهن ۾ جڳمڳ چمڪ، سؤ سؤ چلهن جي.
چت پنهنجي هٿ سان ڇانوَ ڪندي، ڪٽوري پريل ماني،
سونهن جي ڪُڪ مان هڪ دري اسان کولي ڇڏيون
هن ٿانيگي نديءَ جون لهرون ڌرتيءَ کي ڏين ٿيون رستو

Gul Hayat Institute

اڄ ڪا اڪ اونداهيءَ جا چوڏا لاهيندي
۽ مٿل ۾ ٻوڙندو ساهه.

ڌرتيءَ جي ڇاتي ڌڙڪندي، آپرندو هڪ شهر
سرد ويران خالي اڱڻ ۾ ـ سونهن ڌريندي پير
مستقبل جا چپ پوءِ ٻڌندا زندگيءَ جو گيت
چئن ورهين ڪان پوءِ هن ڌرتيءَ تي ڪڙندا واڙيءَ جا گل.—

## ● ارنيسٽ ٽولر (1893-1939)

ارنيسٽ ٽولر هڪ جرمن شاعر ۽ ناٽڪڪار هو. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هو قتجي پيو، جنهن وچ ۾ مٿس سماجوادي خيالن جو اثر ٿيو. 1939 ۾ خودڪشي ڪيائين. سندس هڪ نظم آهي: ’جيئرن جي ڏالي‘:

’ڪندن توکي نٿو سڃونهي
۽ نه سونهي ٿي توکي ديرُ
توکي جا ڏروهر ملي آهي
لٽڙيل آهي رت سان
وهيو آهي جو تنهنجي پاءُ جي دل سان...
پريل گلي سان
تڪي تو راهه ـ توهان سڀن جيءِ
وقت جو تمام گورو بار
توهان جي سرن تي اڇي ٽٽتو آهي.
کولي ڇڏيو طاق
بند آهن جي ڪپاٽ
چمڪندڙ صبوح جا!‘—

Gul Hayat Institute

## ● آٽيلا يوسف (1925-1970)

آٽيلا يوسف هنگريءَ جو شاعر، پنهنجي ٻچاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ اڪيل نظم جي ٻچاڙيءَ ۾ لکي ٿو:

”ڪير وارن ڏندن سان تو جبل ٽوڙڻ چاهيو
هورڪ!
سپنا ڏسڻ لاءِ ڇا ڪا رات ٿي ڪافي نه هئي؟“

لاٻاري جا ڏينهن آهن
ٻري وڻڪار ۾ ڪو ڳائي پيو
۽ سڀ رڪاوٽون پٺي هن جو رت وهي پيو...
لاٻاري جا ڏينهن آهن - اي غلام ڇوڪريون!
ڏڪن جا گيت ڳايو! ڏينهن چڙهي رهيو آهي
غلامن جي ملڪ تي سج سڙي رهيو آهي
۽ هڪ سرويچ ڪي اڄ اڃا مرڻو آهي...
جو ويڙهه ۾ مري ٿو، آهو لٽو مري
هي ساري ڌرتي هن لاءِ روئي ٿي
۽ هي آسمان به ٿو روئي.
ان، ٻن ۽ جانور به ٿا روئن
۽ چارڻ سندس چاهت جا گيت ٿا ڳائين
سرڻ سندس منهن تي ڇالو ڪري ٿي
۽ واڳهه سندس قبر چمي ٿو
عقاب - پکين جو سرويچ
منهن سندس مٿان ڦيرا ڏئي ٿو - جوڌو جو آهي!
هرشيءِ ويجهو ويجهو ٿيندي اچي
چنڊ چڙهي ٿو ۽ تارن جو آسمان تي آهه راڄ
ڪهاڻا جهنگل جهومن ٿا
هوا اکيون مهٽي ٿي، جبل 'هائيدڪ گيت'(1) ٿا ڳائين
جهنگل جون ٻريون جهومن ٿيون، گيت لهرائين ٿا
- ۽ هُن جا گيت ڳائين ٿا
سائي گاهه تي هوريان ٿلندڙيون
ٻن جي سهاري پرسان ويهن ٿيون،
ڪا هڪڙي ڇهري تي ٻاٽي ٿي چٽڪائي
ڪا وري ڦٽن تي مرهم ٿي لڳائي
ڪا جهڪي چپ ٿي سنڌس چمي
هو ڇپر اکين جا کٽي تڪي ٿو
۽ مُرڪي ٿو:

---

(1) ان وقت گوريلن جو گيت.

۽ ڀان ڀان ڪندڙ ونڪار مان
۽ جهنگل جي ٻيلن ۾ـچڻ ۾ ڇٽيل ٻنن مان
ٿرن ۽ ٻاڻيءَ مان
جهوپڙين، واڙن، انگوري باغيچن ۽ جوٽيل ٻنين مان
۽ رڍن جي واڙن، ڪنڊ ٻاسن ۽ اولاهن ڪوهن مان
۽ ڪنڊن ۽ ڪسين تان لنگهندي ــ
هي قاتل ڪپڙا پاتل، بکيا ۽ ڪومايل چهرن وارا تيز گرمين ۾ ٻڪل
ٻاري ۽ لُڪ جا ستايل
آڪڙيل ۽ منهن قاتل مهانڊن وارا
۽ جهڪيل ٻني ۽ سُسيل بدن وارا
ميرن ڪپڙن ۾ هميشه کان اگهاڙا
لڙون ٻيرن ۾
داڳن مان سٽيل ڇهرا، اڻ پڙهيل، اٻوجهه جهنگلي
ڪاوڙيل ۽ پرندڙ ڪانئن جيئن...
هٿن ۾ نه ڪو گلاب...
چپن تي نه ڪو گيت...
نه گهڙي، نه گهڙيال...
نه ٻگل، نه توتاري، نه ڪو سُر سنگيت...
لباس تار تار
چمڪندڙ تلوار ٻدران ڏنڊا ۽ لٺيون ڪنيو
هي ٻورهيت
لٺيون، ڪهاڙيون، خنجر، ڏاندار يون
ڪُرٻا ڪنيو
۽ ڪي سورج مُکيءَ جا گل ڪنيو
جوان پوڙها ڇٽي ڏسن کان آيا آهن
جن جانورن جا واڙا کُلي ويا هجن...
هي بيشمار ــ مچريل مانَ
سيني ۾ خدا جو سڏ کنيو
وات ۾ فرياد کنيو
تُتا آهن بنه جيئن ــ اڳتي وڌندا وڃن



Gul Hayat Institute

الهداد ٻوهيو (مضمون)

# ”شعر جي اڀياس جا نوان طريقا“-5

## مِٿ (Myth) يا ڏند ڪٿا

### (1) مِٿ:

مٿ جو لفظ پهرين ارسطوءَ جي ڪتاب پوئيٽڪس (Poetics) ۾ ڪم آيو هو. ان وقت جيئن هي لفظ ڪم آندو ويو هو، ان جي معنيٰ هئي: ڪهاڻي، پلاٽ، يا نصيحت ڀري آکاڻي (Fable). ان قسم جون نصيحت ڀريون آکاڻيون، جن بنيادن تي لکيون ويون آهن، سي اسان هيٺ ڏيون ٿا:

(1) تاريخ.
(2) سماجي رجحان.
(3) فڪر ۽ فلسفو.
(4) رائج الوقت آداب.
(5) اهم ڪردارن جو اثر.
(6) فرد جو سماجي نظريو (جنهن ۾ فرد جا سڀ پهلو شامل آهن)
(7) خوف ۽ ڊپ.
(8) تمام مٿاهين طاقتن جو تصور.
(9) سخت ترين طبعي قانُون ۽ فطرت جو حسن.
(10) مذهب ۽ عقيدو.
(11) ڪردار نگاريءَ جون تقاضائون.
(12) داستان گوئيءَ جو فرض.
(13) نازڪ آدرشن ۽ جذبا يا محبت جو اظهار.

غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته گهڻو ڪري دنيا جي تمام وڏن شاعرن: هومر، ڊانٽي، تلسيداس، ملٽن، شيڪسپيئر ۽ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ لڳ ڀڳ اهي سڀ ڳالهيون ملنديون. (اسان جڏهن ان ڳالهه تي پهچون ٿا، تڏهن معلوم ٿو ٿئي، ته اسان پنهنجي ادب جي تمام اهم ۽ ڪارائتن مقصدن جي ته اڃا ڇنڊڇاڻ ڪئي ئي ناهي!)

دنيا جي ٻن وڏن نظمن اليڊ ۽ اوڊيسيءَ جو خالق (جيئن عام طور تي سمجهيو ٿو وڃي) هومر: هن قسم جي ادب جو باني ۽ تاجدار هو. هنن ٻن نظمن کي ايپڪ سمجهيو ويو آهي. قلم جا ڪي صاحب ايپڪ کي قصيدو ٿا سمجهن. اسان ڪنهن حد تائين بروئر صاحب جي لغت تي ڀروسو ڪري رهيا آهيون. (ڏسجي Brewer's Dictionary of Phrase and Fable)

"ايپڪ اهو نظم آهي، جنهن جي نوعيت ناٽڪ جهڙي هجي: جنهن ۾ بيان جي رستي ڪنهن نه ڪنهن سچيءَ يا خيالي (تصوراتي) تاريخ سان واسطو ڏيکاريو ويو هجي ۽ جنهن ۾ ڪنهن ڪارنامي جي سلسلي کي بهادريءَ جي واقعن ۽ ديوتائن جي مدد سان مڪمل ڪيو ويو هجي."

هن تعريف جي خيال کان ايپڪ جون ضروري ڳالهيون هيٺيون آهن:

(1) 'نظماڻو انداز' (Poetic Style)
(2) 'ناٽڪاڻو بيان' (Dramatic Narration)
(3) 'تاريخي سچائي' (Historical truth)
(4) 'انساني سورهيائي' (Human Valour)
(5) 'واقعاتي جوش' (Episodal excitement)
(6) 'انسان کان مٿي ڪنهن طاقت جو تصور' (Super Natural)
(7) 'ڪهاڻي' (Plot)

ايپڪ کي ٻن نمونن ۾ ورهائي ٿو سگهجي:

(1) عوامي يا قومي ايپڪ (Popular or Natural)
(2) ادبي ايپڪ

مهاڀارت اليڊ ۽ اوڊيسي پهرئين نموني جون ايپڪون آهن: ۽ ملٽن جو وڃايل "بهشت" (Paradise lost) ٻئي نموني جي ايپڪ آهي. سنڌيءَ ۾: جنگ نامو، ڪربلا جو واقعو، ڪيڏارو، سنڌ جو شاهنامو، دودي چنيسر جي ڳالهه، مير چاڪر عليءَ جو قصو ۽ چانڊئي - مڪسيءَ جي ويڙهه، اهڙا ڪارناما آهن، جن ۾ ايپڪ جون خصوصيتون موجود آهن. هنن سان گهٽيون قومي ايپڪون آهن. ادبي ايپڪ جي لاءِ شايد "ڀڳت سنگهه جي ڦاسي" جي عنوان سان لکيل اياز جي ايپڪ لاءِ انتظار ڪرڻو پوندو. پر في الحال ان جي باري ۾ فيصلو ڪري نٿو سگهجي.

اهو تمام ضروري آهي ته ايپڪ ۾ جا ڪهاڻي ڪم آئي هجي، تهن جي حيثيت گهٽ ۾ گهٽ "مثالي ڪهاڻيءَ" جهڙي هجي. "مثالي ڪهاڻيءَ" جي معنيٰ ۾ اسان بروئر صاحب جي مٿي ڏيکاريل لغت جي سَنَد تي لکون ٿا. "لفظي توڙي معنوي طور تي مثالي ڪهاڻي (Legend) آها آهي، جنهن کي پڙهيو وڃي. چاڪان ته شهيدن، سورمن ۽ درويشن جي زندگيءَ جي ڪارنامن کي هرڪو ماڻهو پڙهندو آهي، ان ڪري الهن کي مثالي ڪهاڻيون

(6) مقدر يا فوق‌الانسان حيثيت جو تصور

(7) ڳائجڻ واري خصوصيت (Lyricism) ۽

(8) داستان گوئي.

سو اِها حقيقت آهي ته شاهه جو شعر تمام گهڻين اهڙين ڳالهين وارو شعر آهي، جنهن ۾ پراڻي ادب جي اهم ترين طاقت موجود آهي.

پر تنهن هوندي به اسان هت انهيءَ ڳالهه جو اظهار به ڪرڻ گهرون ٿا ته شاهه جي ايپڪ هڪ تمام سذريل ايپڪ آهي ۽ مها ڪهاڻيءَ توڙي مثالي ڪهاڻيءَ جي خيال کان شاهه صاحب هڪ ترقي پسند شاعر هو. هن پراڻ کان هٽڻ جون ڪوششون ڪيون آهن ۽ فن ۽ شاعريءَ جي ڪيترن ئي ماسرن ۾ هن نوان تجربا ڪيا آهن. هي ڳالهيون شاهه جي دؤر جي تقاضائن ۾ شامل آهن. شاهه جي دؤر تلسيداس ۽ هومر جو دؤر نه هو. هن دؤر ۾ تصوراتي ڪردارن جو تعداد گهٽ هو ڇو ته عملي طور تي انسان وڌيڪ مضبوط هو، پر ته به تصوراتي ڪردارن ۾ جيڪي وڏا ڪردار هومر وٽ هئا (جيئن جوپيٽر ۽ ذيوس) سي شاهه وٽ به آيا آهن (جيئن لکيو، قلم ۽ قضا). هومر جي لاءِ اهو ضروري هو ته هو هيان جي وسيلي پن تهذيبن کي تباهه ٿيندو ڏيکاري ته جيئن مستقبل جو انسان عورت جي باري ۾ ڪو واضح تصور رکي سگهي پر شاهه جي لاءِ اهو تمام ضروري هو ته هو عورت کي مرڪزي ڪردار جي حيثيت ڏيڻ سان گڏوگڏ ان تي ڪلچري ۽ مذهبي توڙي سماجي پابنديون رکي ته جيئن عورت جي بنياد تي تهذيب کي ترقي ملڻ جو ڪم ٿئي ۽ نه تباهيءَ ملڻ جو.

هن جاءِ تي پهچڻ کان پوءِ اها ڳالهه به سمجهه ۾ اچي ٿي ته اهي ڪهڙا سبب آهن جن جي ڪري ملڪ جو هڪ تمام مشهور ۽ داستان گوئيءَ جي مقصد کان تمام اهم داستان- دودي چنيسر جو داستان، شاهه پنهنجي رسالي ۾ ڪم نه آندو آهي. اَهي سبب هن هيٺ لکان ٿو:

(1) ٻاگهي هيلن جيان سنڌ جي سورهيائيءَ جي دؤر ۾ سنڌ جي تمام گهڻن سورمن جي خون جي ذميوار هئي.

(2) چنيسر جو ڪردار سنڌ جو مثالي ڪردار ٿي نٿي سگهيو.

(3) دودي جو ڪردار اهم هو پر هن قسم جا ڪردار سنڌ جي تاريخ ۾ ٻيا به موجود هئا، تنهن کان سواءِ اهو ڪردار هوندي به عوامي طور تي مقبول هو.

(4) دودي جي ڪردار ۾ اهو شڪ هو ته هن جي سورهيائي سومرا خاندان جي هڪ ڇوڪريءَ کي ڌارين ۾ پرڻائڻ جي خلاف ڪم آئي يا سنڌ ڌيهه کي آزاد رکڻ جي ڪم آئي يا اڃا به پنهنجي ڀاءُ چنيسر جي دشمنيءَ ۾ ڪم آئي.

(5) ٻاگهيءَ جي ڪردار ۾ هڪ غير ذميوار ڇوڪريءَ جو اهو مزاج شامل هو جنهن ۾ هوءَ حڪومتن جي مصلحتن کان غيرواقف هئي ۽ روايتي عورت جيان طعني تنڪي ۾ قابل هئي.

# رني ڪوٽ

## غلام رباني

اڄڪلهه رني ڪوٽ کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو سمجهيو وڃي ٿو. اهو تاثر ڪرنل خواجه عبدالرشيد جي هڪ مضمون مان پيدا ٿيو آهي، جو هن ڏهاڪو کن سال اڳ لکيو هو*. تن ڏينهن ۾ خواجه صاحب ڪراچيءَ جي جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر جو سپرنٽينڊنٽ هو. تاريخ ۽ آثار قديمه سان چاهه هئڻ ڪري، ڪيس سنڌ جي آثار قديمه ۾ به دلچسپي هئي. جڏهن ڪيس خبر پيئي ته لڪيءَ جي جبلن ۾ آمريءَ کان ويهه-پاويهه ميل اولهه طرف هڪ تاريخي قلعو آهي، جنهن جي ايراضي ڪيئي ميل ٿيندي، تڏهن ڪيس دنيا جي انهيءَ عجوبي ڏسڻ جو اشتياق ٿيو. قلعو ڏسڻ بعد خواجه صاحب سنڌ شناسيءَ جي ڪن ماهرن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ پوءِ 'اقبال رويو جرنل' ۾ رني ڪوٽ تي مضمون لکيو. منهنجي خيال موجب، رني ڪوٽ تي اهو پهريون پهريون اهم علمي ۽ تحقيقي مضمون هو. خواجه صاحب رني ڪوٽ کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو قرار ڏنو ۽ ان جي تعمير بابت ٽالپرن سان منسوب ٿيل عام مشهور روايت کي رد ڪندي، جناب جي-ايم سيد سان اتفاق راءِ ڪيو، ته رني ڪوٽ ايران جي ساساني بادشاهن جو ٺهرايل ٿو ڏسجي. خواجه صاحب جو چوڻ هو ته ڪيس وچ هندستان ۾ هڪ قلعو سجهي ٿو، پر اهو ارڙهن ميلن ۾ آهي ۽ رني ڪوٽ پاويهن ميلن ۾ آهي، انڪري رني ڪوٽ ئي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو آهي. خواجه صاحب جي مذڪور مضمون شايع ٿيڻ بعد رني ڪوٽ علم دوست ماڻهن جي توجهه جو مرڪز ٿي پيو ۽ اها ڳالهه پڻ تسليم شده قرار ڏني ويئي، ته اهو دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو آهي.

هاڻي رني ڪوٽ بابت تقريرن ۽ تحريرن ۾ اها ڳالهه عام جام ورجائي وڃي ٿي، ته رني ڪوٽ دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو آهي. ان سلسلي ۾ تازو هڪ مضمون 'هلال پاڪستان' ۾ شايع ٿيو آهي، جنهن جو لکندڙ جناب فضل قاضي آهي. قاضي صاحب جو مضمون هڪ قابل قدر ڪوشش آهي. قاضي صاحب سنڌ جي اڳوڻن عالمن جي روايت کي قائم رکندي، رني ڪوٽ کي ٽالپرن جو تعميراتي ڪارنامو قرار ڏنو آهي ۽ ان کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو ڪوٺيندي چيو آهي، ته رني ڪوٽ ارڙهن ميلن ۾ آهي.

---

* خواجه صاحب جي انهيءَ مضمون جو ترجمو "مهراڻ" رسالي جي سال 3-1967ع ۾ ڇپيل آهي

منهنجي خيال موجب، رني ڪوٽ کي دنيا جي وڏن قلعن ۾ ته بلاشبه شمار ڪري سگهجي ٿو، پر ان کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو سڏڻ لاءِ تحقيق ۽ ثابتيءَ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن جناب فضل قاضيءَ جو اهو بيان صحيح آهي، ته رني ڪوٽ ارڙهن ميلن ۾ آهي، ته پوءِ ته رني ڪوٽ دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو ٿي نٿو سگهي، ڇو ته سنڌ جي اوڀارينءَ سرحد تي راجستان ۾ هڪ قلعو موجود آهي، جو چوويهن ميلن ۾ آهي. مورخن ان کي ”ديوار چين“ سان تشبيه ڏيئي ”ديوار هند“ سڏيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته اهو قلعو راجستان جي راڻي ’ڪميا‘ اٽڪل 500 ورهيه اڳ، مسلمانن جي ڪاهن کي روڪڻ لاءِ اراولي ٻهاڙين تي ٺهرايو هو. راڻي ڪميا اهڙا ٻتيهه قلعا ٻيا به ٺهرايا هئا.

مذڪور قلعي جي تصوير آمريڪا مان شايع ٿيندڙ نيشنل جاگرافيءَ جي فيبروري 1977ع واري پرچي ۾ شايع ٿيل آهي. نيشنل جاگرافي پنهنجي نوعيت جو منفرد ۽ دنيا ڀر ۾ مشهور رسالو آهي.

راجستان واري قلعي ۽ رني ڪوٽ جون تصويرون ڏسڻ سان محسوس ٿيندو ته ٻئي قلعا هوبهو هڪجهڙا آهن ۽ ٻهاڙين جي مٿان ”ديوار چين“ جي نموني تي تعمير ٿيل آهن. تاهم ائين چئي ڪونه سگهبو، ته رني ڪوٽ به راڻي ڪميا جو ٺهرايل آهي، ڇو ته سنڌ ڪڏهن به راڻي ڪميا جي تابع ڪانه هئي.

جيڪي عالم ان راءِ جا آهن، ته رني ڪوٽ ڪنهن به صورت ۾ ٽالپرن جو ٺهرايل نٿو ٿي سگهي، تن جو دليل اهو آهي، ته جڏهن هزارين مزورن، ماهر انجنيئرن جي نگرانيءَ هيٺ، ورهين جا ورهيه ڪم ڪيو هوندو، تڏهن مس مس وڃي رني ڪوٽ ٺهي راس ٿيو هوندو. ايڏو خرچ ۽ ڪشالو ڪا اهڙي حڪومت ئي برداشت ڪري ٿي سگهي، جنهن وٽ وڏي سلطنت هجي ۽ اڻ ميو ڌن دولت هجي. انڪري اها ڳالهه ٽالپرن جي وس کان ٻاهر هئي، ڇو ته بقول پير حسام الدين راشدي، ٽالپرن سنڌ تي سؤ سال به حڪومت ڪانه ڪئي ۽ پنهنجيءَ حڪمرانيءَ جي سڄي دور ۾ هنن ڪٿي به ڪو ايڏو وڏو تعميراتي ڪارنامو سرانجام ڪونه ڏنو، جو رني ڪوٽ جي تعمير ڏانهن منسوب ڪرڻ لاءِ جواز پيدا ٿي سگهي. ٻيو ته ٽالپرن جي رهڻي ڪهڻيءَ بابت تاريخن ۾ جيڪي مواد ملي ٿو سو، ان ڳالهه جي شاهدي ڏئي ٿو ته هو سادگي ۽ قناعت پسند حاڪم هئا ۽ شڪارگاهن جا شوقين هئا. اهو ممڪن آهي ته هنن رني ڪوٽ جي مرمت ڪرائي هجي يا رني ڪوٽ اندر ميري ۽ شيرڳڙهه نالي جيڪي ننڍا قلعا آهن، تن جي تعمير ڪرائي هجي.

ٽالپرن کان اڳ ماضيءَ ۾ سنڌ جي ٻي به ڪا اهڙي حڪومت ڪانه ٿي سجهي، جنهن رني ڪوٽ جي تعمير ۾ هٿ وڌو هجي، انڪري ڀانئجي ٿو ته رني ڪوٽ ان وقت تعمير ٿيو هوندو، جڏهن سنڌ ايران جي ساساني بادشاهن جي سلطنت جي هڪ اقليم هوندي، جيڪي فوجي بچاءَ جي لحاظ کان سرحدن تي وڏا وڏا قلعا ٺهرائيندا هئا.

Gul Hayat Institute

منهنجي خيال موجب، مٿين ڳالهه منطقي لحاظ کان بيشڪ وزندار لڳي ٿي، پر ان کي تاريخي حقيقت ڪري قبول ڪرڻ لاءِ سَنَدن ۽ حوالن جي ضرورت آهي. ايران جي تاريخ گهڻي قدر محفوظ آهي ۽ ماضي قريب ۾ ته ان تي چڱو تحقيقي ڪم ٿيو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ اهو معلوم ڪرڻ مشڪل نه هئڻ گهرجي، ته ايران جي ساساني بادشاهن سنڌ ۾ ڪهڙي هنڌ قلعو يا قلعا ٺهرايا هئا ۽ سنڌ کان ٻاهر هنن پنهنجيءَ سلطنت ۾ ٻين هنڌن تي جيڪي قلعا ٺهرايا هئا، تن جي اڏاوت جي لحاظ کان رني ڪوٽ سان ڪا نسبت آهي يا نه؟

ان سلسلي ۾ اسان کي سنڌ جي تاريخ ۾ ۾ هڪ اهم حوالو مليو ٿو. سنڌي ادبي بورڊ جي شايع ڪيل سنڌ جي تاريخ جي جلد ٻئي جي مصنف ايڇ. ٽي. لئمبرڪ لکيو آهي ته:

”شاهي قلعو، جنهن لاءِ يوناني جاگرافيدان هيڪيٽس جو چوڻ آهي ته سنڌوالديءَ جي پرسان اوپيائي جي سرزمين تي واقع هو، سو ٿيانجي ٿو ته ٿئين سرحدي صوبي ۾ ”ايراني لشڪرگاهه“ هو. اوپيائي جي وضاحت ڪندي، هيڪيٽس لکي ٿو، ته اهو سنڌونديءَ جي پرواري علائقو آهي ۽ ان کان پرتي رڻ آهي، جو هند سان وڃيو ٿو لڳي.“

لئمبرڪ جي مٿئين حوالي ۾ جنهن قلعي جو ذڪر آهي، ان لاءِ سنڌ جي بزرگ اديب محترم محمد ابراهيم جويي جو خيال آهي ته اهو رني ڪوٽ ٿي سگهي ٿو. پر جناب محمد حسين پنهور جو چوڻ آهي، ته رني ڪوٽ ستين يا ٺارڻين جو ٺهرايل آهي ۽ لئمبرڪ جنهن قلعي جو ذڪر آندو آهي، اهو پٽيالا ٿي سگهي ٿو، جنهن جو اصلوڪو نالو نيرن ڪوٽ هو.

سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙ ٻئي هڪ علم دوست جناب علي احمد بروهيءَ ان سلسلي ۾ وضاحت ڪندي مون کي ٻڌايو هو، ته رني ڪوٽ کي ٿاٻي پهچائڻ جو واحد ذريعو هڪ نئن آهي، جنهن کي مختلف زمانن ۾ مختلف نالن سان سڏيو ويو آهي. ان کي اڳي ’نئن موهن‘ ڪوٺيندا هئا ۽ هاڻي ’نئن سن‘ سڏيندا آهن. ڪنهن زماني ۾ ان کي ’نئن رني ڪوٽ‘ ڪوٺيندا هئا. سنڌ جا اڳوڻا لکندڙ سنڌي نالا به فارسي صورتخطيءَ ۾ لکندا هئا، جو ته هاڻوڪي سنڌي صورتخطيءَ جي ٺهڻ کان اڳ لکپڙهه جو ڪم فارسيءَ ۾ ٿي ٿيندو هو. بروهيءَ جو خيال آهي ته ’نئن رني ڪوٽ‘ کي فارسيءَ ۾ گڏي لکبو ته اسان کي ’نئنرني ڪوٽ‘ نالو ملندو. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي، ته نئن رني ڪوٽ سنڌ جي تاريخ جو اهوئي مشهور و معروف شهر ’نيرن ڪوٽ‘ آهي، جنهن کي عرب سپه سالار محمد بن قاسم فتح ڪيو هو ۽ جتي ايرانين، سڪندر جي ڪاهه کان به اڳ قلعو ٺهرايو هو.

رني ڪوٽ ۽ نيرن ڪوٽ واقعي هڪ ئي آهي يا نه، ان ڳالهه جي تصديق يا ترديد ان جي کنڊرن جي کوٽائيءَ وسيلي ٿي سگهي ٿي. هوندي به رني ڪوٽ ايترو اهم ضرور آهي، جو

Gul Hayat Institute

تاريخدانن ان تي تبصرو ڪيو تہ محمد بن قاسم جيئن تہ قريشي نہ آهي، ان ڪري سومرن جو عرب مان اچڻ غلط آهي ۽ هو عرب نہ بلڪ راجپوت آهن. هن محمد بن قاسم قريشيءَ جو نہ رڳو سنڌ جي سومرن بلڪ منصوره سان ڳهرو واسطو آهي، ان ڪري سندس ذڪر ڪرڻ بلڪل ضروري آهي. سيد سليمان ندوي لکي ٿو تہ: ”قريشن جي ڏاڏن ۾ مٿي هڪ جو نالو ’لوئي بن غالب‘ هو، جنهن جي هڪ پٽ جو نالو ’سامہ‘ هو. اسلام ۾ ان خاندان جو عروج ’خليفہ معتمد‘ جي زماني ۾ ٿيو (سنہ 279/286هـ). صورت هيئن پيدا ٿي، تہ عرب جي صوبي عمان ۾ خارجين جي گهڻائي هئي. خليفي، محمد بن قاسم قريشيءَ کي، انهن کي سيکت ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو. هن خارجين کي شڪست ڏني، عمان ۾ پنهنجي رياست قائم ڪئي(13). مولوي نور محمد نظاماڻي صاحب پڻ لکي ٿو تہ: ”بنوسامہ بابت ڪي انڪاري آهن، تہ هي ڪو لوي بن غالب جي اولاد مان آهن، پر گهڻن عالمن ۽ نسب بيان ڪندڙ ماڻهن قبول ڪيو آهي، تہ هي برابر قريشي آهن. هي پهريائين عمان ۾ رهندا هئا. عمان ۾ پهريان خارجي بلڪل گهڻي انداز ۾ موجود هئا، جن خلافت عباسيہ سان سرڪشي اختيار ڪئي، تڏهن هن ئي قبيلي جي هڪ ممتاز جوانمرد محمد بن قاسم خلافت عباسيہ جي طرفان حملو ڪري خارجين کي اتان ڪڍي ٻاهر ڪيو(14).

پري چو ويون، ان مسئلي کي تہ ڊاڪٽر بناڻ صاحب پاڻ ئي پنهنجي ڪتاب ۾ حل ڪري چڪو آهي. Extrast ۾ لکي ٿو تہ:

Al-Beruni: Kitab Al-Hind, Leipziq AD. P. 11.

”دخل محمد بن قاسم بن سميہ ارض السند من نواحي سجستان و افتتح بلد بمهنوا (بهمنوا) وسماء منصورة و بلد مولتان وسماه معمورة واوغل في بلاد الهند الي مدينة كنوج(15).“

چا ان مان ظاهر نہ آهي تہ محمد بن قاسم ثقفي ۽ محمد بن قاسم قريشي ٻہ الڳ الڳ شخصيتون آهن: ٻئي فاتح سنڌ آهن، پر عرصو جدا آهي.

منصوره جن لاهين چاڙهين مان لنگهيو، ان تي بہ هڪ سرسري نظر وجهڻ ضروري آهي. آخري اميہ گورنر منصور بن جمهور الڪلبي 129-134هـ) پهرين سنڌ ۾ اميہ جي خوف کان ڀڄي آيو ۽ ان وقت جي گورنر يزيد بن عرار الڪلبي سان منصوره وٽ سندس مقابلو ٿيو، جنهن ۾ شڪست کائي وڃي منصوره جي قلعي ۾ پناهہ ورتائين: پر ليث پيش پيو ۽ ماريو ويو. منصور نالي ماتر اميہ جو طرفدار هو، آخر عباسين سان بہ وڙهندو رهيو(16). ان حوالي سان پتو ٿو پوي تہ منصوره کي ڪوٽ بہ اڏيل هو.

منصور جيتوڻيڪ بنو اميہ جو باقاعدي گورنر نہ هو، پر هن عباسين جي حڪومت کي عرب جي خلافت وٺڻ بعد ڪونہ ٿي مڃيو. هن ابو مسلم ۽ عباسين جا ڪيترا ئي حملا هٽائي ڇڏيا. آخر خلافت جي حڪم تي موسيٰ بن ڪعب تميمي ويهہ هزار فوج سان منصور تي حملي ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو. هن پهرين پنهنجي قبيلن وارن کي پاڻ ڏانهن آماده ڪيو ۽ ائين منصور جي

Gul Hayat Institute

اتي جي بادشاهن مان هڪ بادشاهه هو، جنهن جو نالو حمزه هو ۽ حضرت علي بن ابي طالب جو ڳوٺو اولاد نظر آيو، جي عمر بن علي ۽ محمد بن علي جي نسل مان هئا(40). ان مان اهو ثابت ٿو ٿئي، ته اولاد علي سڄي سنڌ ۾ پکڙيل هئا. خود علوين جيءَ ذڪر ڪندي مير علي شيرقانع ٺٽوي لکي ٿو ته:

جعفر لقب مويدالسماء (آسمان کان تاڪيد ڪيل) بن محمد بن عبدالله بن عمر بن علي عليه‌السلام سيدن مان پهريائين هن سرزمين (ملتان) ۾ تشريف فرما ٿي سڪونت اختيار ڪئي. چون ٿا ته هن پنجاهه پٽ ڇڏيا، جيڪي هندستان، ڪرمان ايران ڏانهن پکڙجي ويا، انهن مان عبدالحميد ملتان تي حڪومت ڪئي(41). پر هن صاحب جو ذڪر مولانا علامه عبدالحي وڏيڪ مستند نموني ڪيو آهي، هو لکي ٿو ته:

ابو عبدالله جعفر بن محمد بن عبدالله بن محمد بن عمرالطروف ابن حضرت علي القريشي الهاشمي شهر ملتان.

هي ذڪر جمال‌الدين احمد بن علي داؤدي پنهنجي ڪتاب عمدة‌الطالب ۾ ڪيو آهي، ته ڪيس جڏهن حجاز ۾ خوف محسوس ٿيو، ته پنهنجي 13 نسبي همراهن سميت پهرين ته پنهنجي گهر ۾ اڪي وينو، پوءِ وجهه ڏسي ملتان پهتو: هن جي اچڻ تي شهر جا باشندا ڊجي ويا ۽ ان جي طرفدارن جي چڱي حمايت ٿيي وئي ۽ آخر شهر تي قبضو ڪري ويٺا ۽ خود بادشاهه سڏائڻ لڳو. ان کان پوءِ ان جو اولاد در اولاد 364هه (944ع) تائين ملتان تي قابض رهيو. ان جي اولاد ۾ بقول ابن خداع 48 پٽ هئا، بقول تاريخ بيهقي 80 هئا، بقول شيخ مشرف‌آبادي 60/50 جي لڳ ڀڳ هئا، بقول ابوالحسن عمري 50/40 جي اندر هئا. ابواليقطان جو ان معاملي جو چڱو چاڻو هو، اهو سندن تعداد تمام گهڻو ٿو ٻڌائي، انهن ۾ بادشاهه به هئا، علماء به هئا، نساب به هئا، انهن ۾ اڪثر اسماعيلي عقيدي جا پوئلڳ هئا(42).

## حوالا


(1) "عرب و هند کے تعلقات" سيد سليمان ندوي ص: 335 حوالو المسالڪ والممالڪ ابن خردازبه ص: 174.

(2) "تاريخ سنڌ" مصنف مولوي نورمحمد نظاماڻي ص: 31-32 حوالو بلاذري.

(3) فتوح البلدان بلاذري مترجم سيدابوالخير مودودي، جلد 2 ص 622-629.

(4) Arab Kingdom of Al-Mansurah by Dr: M. Pathan P65 Reference of Al-Masudi Vol I. P. 142.

(5) Mehran of Sindh and its Tributries by H.G. Rererty, P164 original Refrence of Masudi.


Gul Hayat Institute

(6) عرب و هند کي تعلقات، ص 336.
(7) Arab Kingdom of Al-Mansurah, P 71, بحواله اصطخري ص 73-171
(8) عرب و هند کي تعلقات، ص 38.
(9) Arab Kingdom of Al-Mansurah P 67-68.
(10) Arab Kingdom of Al-Mansurah P 70. بحواله ياقوت حموي ص 177
(11) ايڪ عرب سياح ڪي مشاهدات ڪا اردو ترجمه، ص 263.
(12) تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي (اردو اڪادمي) ص 425.
(13) عرب و هند کي تعلقات، ص 307.
(14) تاريخ سنڌ جلد 2 ص 162-163 بحواله ابن خلدون.
(15) Arab Kingdom of Al-Mansurah, P 211.
(16) تاريخ سنڌ مولوي نورمحمد نظاماڻي، جلد 2 ص 46 کان 48 بحواله تاريخ يعقوبي.
(17) تاريخ سنڌ مولوي نظاماڻي جلد 2 ص 52 کان 54 بحواله يعقوبي، بلاذري.
(18) تاريخ سنڌ مولوي نظاماڻي ص 55 بحواله ڪامل ابن اثير.
(19) تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي جلد اول ص 258 بحواله تاريخ ابن اثير.
(20) تاريخ سنڌ مولانا ابوظفر ندوي بحواله يعيوبي ج 2، ص 448.
(21) تاريخ سنڌ مولانا نظاماڻي جلد 2 بحواله يعقوبي ۽ ابن اثير.
(22) تحفة الڪرام از سيد حسام‌الدين راشدي تعليقات ص 622.
(23) تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي جلد 2 ص 266.
(24) تاريخ سنڌ مولانا نظاماڻي، جلد 2 ص 92 بحواله يعقوبي.
(25) تاريخ سنڌ مولانا نظاماڻي، 105 بحواله يعقوبي.
(26) تاريخ سنڌ مولانا نظاماڻي، ص 105-109 بحواله يعقوبي.
(27) تحفة الڪرام حسام‌الدين راشدي تعليقات ص 662.
(28) تاريخ سنڌ مولانا نظاماڻي، جلد 2 ص 130 بحواله بلاذري.
(29) تاريخ سنڌ اعجازالحق القدوسي جلد 2 ص 285 ۽ تعليقات تحفة الڪرام ص 663.
(30) Arab Kingdom of Al-Mansurah by Dr: Pathan, P 91, Al-Baladhuri p 450,
(31) Arab Kingdom of Al-Mansurah by Dr: Pathan, P 91.
(32) Arab Kingdom of Al-Mansurah, P 93.
(33) Arab Kingdom of Al-Mansurah, P 94.
(34) الاعلان بالتوبيخ مترجم اردو ڊاڪٽر سيد محمد يوسف مرڪزي اردو بورڊ لاهور ص 328.
(35) تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي حصه اول ص 95 بحواله ابن حوقل.

ميٿيو آرنلڊ جيڪو ڪلاسيڪي نقطهءِ نظر جو حامي هو، پلاٽ ۽ عمل (Action) کي اوليت ڏني ٿو ۽ موضوع لاءِ گنڀيرتا کي ضروري سمجهي ٿو. سندس خيال هو ته رڳو اهي موضوع سٺا هوندا آهن، جيڪي بنيادي انساني احساسن کي شديد نموني ۾ متاثر ڪندا هجن. شاعر جو ڪم آهي، ته هو گنڀير موضوعن کي گنڀير اسلوب (Style) ۾ پيش ڪري.

ڪلاسيڪي اصولن موجب ٺيڪاڻي ۽ بناوت جي ضرورت ڪانهي. سادگيءَ ۾ به حسن آهي. گهڻا خيال اهڙا هوندا آهن جن ۾ صداقت ته هوندي آهي، پر جيڪڏهن انهن کي حسن ۽ خوبيءَ سان پيش نٿو ڪيو وڃي، تنهنڪري پنهنجي اصلي جاءِ کان هيٺ ڪِري پون. صداقت لاءِ اهو به ضروري آهي، ته جنهن به نموني ۾ ڪنهن خيال کي پيش ڪيو وڃي، اهو وڻندڙ، صحتمند ۽ حسن جي زيورن سان سينگاريل هجي. هر تصور لاءِ تيز لفظن جي چونڊ ضروري آهي، جن کي خاص ضابطي سان ادا ڪيو وڃي ۽ جنهن لاءِ اديب فڪر، محنت ۽ رياضت ڪئي هجي.

## روماني تحريڪ:

نوس ڪلاسيڪي قدرن ۽ ضابطن جي خلاف ردعمل جديد طرز احساس جي ابتدا هئي. ارڙهين صديءَ جي عقليت پسندي ۽ رائج ڪلاسيڪي ضابطن جي سخت گيريءَ خلاف، انساني جذبن ۽ احساسن جي حق ۾ ردعمل انهيءَ صديءَ ۾ ئي شروع ٿيو. ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ عام تصور اهو هو، ته انسان جي امتيازي وصف سندس عقل آهي، پر صديءَ جي آخر ۾ اهو تصور عام ٿيو، ته انسان جي فطرتي خاصيت سندس احساس آهن. ظاهر آهي، ته جيڪڏهن انسان جي فطري ۽ امتيازي خاصيت سندس احساس آهن، ته پوءِ فن ۽ ادب ۾ انهن جو اظهار فني ۽ ادبي خوبي ليکي ويندي. مشهور انگريزي شاعر ورڊس ورٿ جو چوڻ آهي، ته شاعري احساسن جي تاريخ يا سائنس آهي، سو اهو تصور ته ادب ۽ آرٽ ذات جو اظهار آهي، ارڙهين صديءَ ۾ شروع ٿيو ۽ ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ اڻويهين صديءَ کان ٿيندو ويهين صديءَ تائين پهتو.

رومانيت (Romanticism) فرد جي بغاوت هئي. اهو ڪلاسيڪيت (Classicism) کان هڪ باغيانه انحراف هو، جنهن جي اصولن اظهار تي سخت پهرو لڳائي ڇڏيو هو. وائيٽ هيڊ (White Head) پنهنجي هڪ اهم تصنيف 'Science and the Modern World' ۾ لکي ٿو ته ”روماني تحريڪ ان ميڪانيڪي نظريي جي خلاف ردعمل هئي، جنهن جو محرڪ صنعتي انقلاب هو.“ روماني فنڪار ۽ ليکڪ جي ويجهو ڪائنات مشينن کان وڌيڪ پرسرار آهي ۽ منطقي جبريت (Logical determinism) جي طابع ڪانهي. ساڳيءَ طرح انسان جي داخلي زندگي سادي ڪانهي، اها انيڪ الجهنن ۽ تضادن سان ڀريل آهي. انسان جو

ذهن ايترو محدود ڪونهي، جو ان کي ٿيورين ۾ قيد ڪيو وڃي. لاڪ جي تجربي فلسفي (Emprical Philosophy) ۽ تجربي نفسيات (Emprical Psychology) جي اثر هيٺ ادب ۽ ادبي تنقيد هڪ نئين وات ورتي ۽ ذهن جي تجربي ڪرڻ جو لاڙو پيدا ٿيو.

عام طرح سان چيو ويندو آهي، ته 'رومانيت' ادب ۽ زندگيءَ جي فرسوده رسمن جي خلاف بغاوت هئي... انفرادي احساس ۽ سوچ جي هڪ سوڀ هئي؛ پر رومانيت انهيءَ کان به وڌيڪ هڪ پيچيدو معاملو هو، ڇاڪاڻ ته 'رومانيت' جا ايترائي قسم آهن، جيترا روماني فردن جا، پر انهن فردن ۾ ڪي هڪ جهڙيون وصفون هيون، انهن وصفن جي ميلاپ جو پيو نالو روماني ذهنيت آهي.

انهيءَ روماني ذهنيت جي تصور ۽ مفهوم کي سمجهڻ لاءِ، روسو (Rousseau) کي اڪثر رومانيت جو روحاني ابو ڪوٺيو ويندو آهي. روسو انفراديت پسندي، آزادي، فطرت ۽ انسان سان محبت ۽ جذبي جي قدرافزائيءَ جو قائل هو. هو زندگيءَ کي لامحدود ۽ ممڪنات سان پُر سمجهندو هو ۽ انسان کي ڪائنات جو مرڪز سمجهندو هو، جنهن ۾ بي انتها امڪان لڪل هئا. روسو جو چوڻ هو، ته جيڪڏهن سماج جي تنظيم فطري اصولن موجب ڪئي وڃي، جنهن ۾ فرد جي آزادي برقرار رهي سگهي، ته فرد پنهنجي لڪل امڪانن کي عملي جامو پهرائي سگهي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح سان سڄي انسانذات جي ترقي ممڪن ٿي سگهندي. روسو جو چوڻ هو، ته آزاديءَ سان تخليق ڪيل ادب ئي جاندار ٿي سگهي ٿو. هن جذبي کي عقل کان مٿاهون درجو ڏنو.

ڪن نقادن جو اهو ويچار آهي، ته رومانيت کي ڪلاسيڪيت جو ضد چوڻ غلط آهي، اها اصل ۾ ان جي تڪميل هئي. روماني اديبن ڪڏهن ئي ڪلاسيڪي روايتن کي ڪونه ڇڏيو ۽ ڪڏهن به ماضيءَ کان پوريءَ طرح سان بي تعلق ڪونه رهيا. ايترو چئي سگهجي ٿو ته روماني تحريڪ ادب کي نون خيالن ۽ تصورن کان واقف ڪيو، جيڪي ڪلاسيڪي تصورن کان مختلف هئا.

●

ذميدار ليکڪ سماج جو سجاڳ ضمير هوندو آهي. سماج کي پنهنجي ضمير کي سڃاڻڻو پوندو، ڪيس پڌرو پوندو، ڪيس موت ڏيڻي پوندي، تيستائين ليکڪ انتظار ڪندو رهندو!

– ممتاز مهر

(س. ا. س پاران ڪراچيءَ 10- مئي 78 تي سائنس ملهايل شام ۾ ڪيل تقرير مان. روزانه هلال پاڪستان، 13- مئي 78، ص 5.)

